# دوستي

## افلاطون

ډاکټر گُل



روشني

# دوستي

(بينجامن جوويٽ جي ڪتاب Dialogues of Plato تان افلاطون جي ٻن مڪالمن، Crito جو 'قانون' جي نالي سان ۽ Lysis or Friendship جو 'دوستي' جي نالي سان سنڌي ۾ ترجمو)

# دوستي

ډاکټر ګل
۲۸ دسمبر ۱۹۹۶
حیدرآباد

## افلاطون

ډاکټر ګل

روښني
پبلیکیشن
کندیارو
1992ع

كتاب جو نالو: دوستي
سنڌيڪار: ڊاڪٽر گُل
ٽائيٽل فوٽو گرافي: فاروق عباسي
بئڪ ٽائيٽل فوٽو گرافي: مس صفيہ عباسي
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ
ڪمپوزنگ: حسين سومرو - راڻو ميگهواڙ
سنڌ ٽيڪ ڪمپيوٽرز حيدرآباد
پهريون ايڊيشن: 1992ع
قيمت: =/55 روپيا
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

ماءِ هڪ وڏو دوست آهي.

# سٹاءَ


| | | |
|---|---|---|
| - مهاڳ/ڪرپٽو | سوبو گيانچنداڻي | 9-14 |
| - پيش لفظ/دوستي | ڊاڪٽر ڪلّ | 15-28 |
| 1- دوستي | | 29-70 |
| 2- ڪرپٽو | | 71-100 |
| - ببليوگرافي | | 101 |

# مهاڳ

## ڪريٽو (قانون)

هي جيڪي يونانين جا بحث مباحثا آهن، انهن نہ صرف هزارن سالن کان وٺي SURVIVE ڪيو آهي، پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ انهن پوءِ جي ڪتابن تي پنهنجا اثر بہ ڇڏيا آهن. هي ڳالهيون عيسوي سن کان چار سؤ ورهہ اڳ جون آهن، جنهن کي اسين GOLDEN AGE OF PERICLES چئون ٿا. اٿينس جي رياست اندر ٿيندڙ انهن بحث مباحثن کي افلاطون قلمبند ڪيو. يونان جي اندر اهڙيون 167 شهري رياستون هيون ۽ هر هڪ کي پنهنجا قانون هئا. سماج جي اندر طبقا موجود هئا ۽ هر طبقي لاءِ جدا جدا قانون هئا. غلامن لاءِ بہ قانون ۾ حق موجود آهن ۽ غلام رکڻ ڪارو نہ آهي، پر، اهو يوناني جيڪو جنگ جي زماني ۾ ڪنهن ٻي رياست جي هٿ اچي تہ اهو بہ غلام ٿي سگهي ٿو. سو، قانون، اصلي يونان جي رهواسين لاءِ بہ آهن جن کي PATRICIANS چئجي ٿو. غلامن لاءِ بہ آهن ۽ وچولي طبقي، جنهن کي DEMOIS چيو ٿو وڃي، انهن لاءِ بہ قانون آهن.

ڪريٽو ۾ هي بحث ٽن يا ٻن مختلف شخصن جو بحث نہ آهي. حقيقت ۾ هڪ ئي سقراط جو، پنهنجو پاڻ سان بحث آهي. سقراط AGAINST سقراط. دوستن جي مشورن ۽ صلاحن جي بنياد تي هو سوچي ٿو تہ ڀڄڻ جو رستو بہ صحيح ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ۾ بہ ڪجهہ وقعت آهي. ڪجهہ دليل ان جي باري ۾ ڏئي سگهجن ٿا.

پر ساڳئي وقت، سقراط، جيڪو هڪ قانوندان آهي، جيڪو ضمير آهي اٿينس جو، يونان جو ۽ حقيقت ۾ تہ سڄي مهذب دنيا جي ضمير جو ترجمان آهي- اهو وري، پاڻ سان بحث ٿو ڪري تہ ڳالهہ کي هينئن بہ رکي سگهجي ٿو. هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ

جيڪڏهن رياست نہ هجي ۽ قانون کي قبول نہ ڪيو وڃي تہ پوءِ تہ نراجيت ٿي هوندي. هو دوستن جون صلاحون بہ هِينئن سان هنڌائي ٿو. هو سوچي ٿو تہ، ممڪن آ، تہ ڪريٽو جي چوڻ ۾ بہ ڪا چڱي ڳالهہ هجي. پر ڦري ڦري، وري هو ساڳي ٿي نتيجي تي پهچي ٿو. هو سوچي ٿو تہ عمر جي هن حصي ۾ مان زهر جو پيالو پي پنهنجي ٿي شهر ۾ مري وڃان، يا، اهو وڌيڪ بهتر آهي تہ فرار اختيار ڪري، زندگي بچائي ٻين رياست ۾ وڃان، پوءِ پلي اتي ڏڪا کاوان. ممڪن آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي دوست بہ هجن ۽ مون کي قبول ٿي ڪيو وڃي. پر ڪي تہ ٺٺوليون ڪرڻ وارا بہ هوندا ۽ وڌيڪ منظم رياستون تہ مون کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسنديون.

پلوٽارڪ (PLUTARCH) جنهن کي تاريخ جو ابو چون ٿا، تنهن پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ يونان ۽ روم جي مکيہ ڪردارن کي ڪٺي، انهن جي ڀيٽ ڪئي آهي. انهن ۾ کهڙو ڪردار يونان جو، السيبيادس بہ آهي. السيبيادس کي جڏهن موت جي سزا ملڻ واري هئي تہ هو ڀڄي ويو ۽ وڃي ٻي رياست ۾ پناهہ ورتائين. ۽ جڏهن اٿينس ۽ ان رياست جو جهيڙو ٿيو تہ هن اٿينس جو AMBASSADOR ٿي، ان رياست جي اندر، اٿينس جي فائدي ۾ ڪم ڪيو. يعني هو DOUBLE TRAITOR ٿيو: پنهنجي ملڪ سان غداري ڪيائين، وري جنهن ملڪ هن کي پناهہ ڏني ان سان غداري ڪري، وري پنهنجي ملڪ سان وفاداري ڪيائين. هاڻي اوهان هن کي TRAITOR چئو، وفادار چئو، وطن دوست چئو، بي اصول چئو، جدا جدا رايا ٿي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح CHARACTER اسان کي ملن ٿا ۽ سقراط ان ڪردار ٽيڻ کان پاڻ بچايو.

جيئن سقراط سوچيو هوندو- ڀُٽي ڦاسيءَ جي سزا لڳڻ کان پوءِ سوچيو هو. جڏهن ڀُٽي صاحب جي حڪومت هئي تہ ولي خان پاڳل جي بَڪ جيان RULE OF LAW, RULE OF LAW, RULE OF LAW ڪندو رهيو، پر هو ان حڪمران کي جيڪو هڪ قانوندان بہ هيو، ان کي ائين نظر انداز ڪندو رهيو، ڄڻ ان جي ڪا وقعت ئي ڪانهي. ڀُٽي سان اختلاف مون کي بہ رهيا ۽ هو جيستائين جيئرو هيو، تيستائين

مون هن کي سلام نہ ڪيو هو. پر جنهن استقامت سان هو جيل ۾ رهيو ۽ پنهنجي اصول تي قائم رهيو، هو با اصول ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي ويو ۽ هو 'شهيد بادشاهہ' جي درجي کي پهچي ويو. اڄ هو هڪ INTERNATIONAL STATURE جو شهيد ليکيو ٿو وڃي. ماڻهن هن جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيا آهن ۽ اڄ هن جون چڱايون ياد پيون ٿيون-

۽ سنڌ جي اندر، جي ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي اهي ٻہ شخص آهن، جن سچ کي ترجيح ڏني ۽ منافقي نہ ڪيائون. ڪو ماڻهو ائين چئي سگهي ٿو تہ جي ايم سيد، هڪ اهڙي ملڪ جي تلاش ۾ آهي جيڪو سنڌين کي ملڻو ئي ڪونهي. ماڻهو هن کي چريو بہ چئي سگهي ٿو. ماڻهو ائين بہ چئي سگهي ٿو، تہ سيد هيتريون غلطيون ڪيون آهن ۽ اجان بہ غلطيون ڪري پيو ۽ اسان کي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ وٺي وڃي ٿو. پر هن جو جيڪو نقطہ نظر آهي، جيڪو پنهنجي ضمير سان جهيڙو آهي، پنهنجي ڳالهہ تي بيٺو آهي تہ ان کي سڀ طرفن کان سوچي پوءِ چوي ٿو تہ هيءَ ڳالهہ صحيح آهي.

جڏهن پاڪستان کي قبول ڪرڻ جو سوال اُٿيو تہ گانڌيءَ جي سيني دوستن ان کي قبول ڪيو. چاڪاڻ هو تہ تڪجي پيا هئا. گانڌي ان کي اصولاً قبول نہ ڪيو، پر چيائين تہ جڏهن اوهان ان کي قانوناً قبول ڪيو آ تہ پوءِ توهان جو فرض آهي تہ جيڪي معاهدا توهان ڪيا آهن، مثلاً پئسا ڏيڻ جا، تہ اهي سڀ وعدا پاڙيو ۽ هن HUNGER STRIKE ڪيو تہ پاڪستان کي رقم جو حصو ڏيو، جيڪو بہ هن جو حق آهي. ائين ڪندي هن هڪ باضمير ۽ بااصول انسان وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ پاڻ کي خطري ۾ وڌائين ۽ انهيءَ سبب ڪري ماريو ويو. گانڌيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ آخري سبب اهو ئي هيو ۽ راشٽريا سيواسنگ اهو ڪم ڪيو. مان راشٽريا سيوا سنگ (RSS) جي نقطءِ نظر جي حمايت نہ ٿو ڪيان، پر پنهنجي حساب ۾ اهي بہ باضمير ماڻهو هئا. جنهن شخص گانڌيءَ کي قتل ڪيو هو، ان نہ ڪنهن جي اڪسائڻ تي، نہ ئي پئسي جي لالچ ۾ اچي ڪري، ڪو اهو ڪم

ڪيو. هو هڪڙو ٻارن ٻچن وارو ماڻهو هيو، جيڪو زال کان موڪلائي هلي ٿو ته مان هڪڙي مهم تي ٿو وڃان ۽ هڪڙي، اصول لاءِ پاڻ کي قربان ٿو ڪيان ۽ جيڪڏهن مون کي ڦاهي يا موت به مليو ته ڄڻ مان پنهنجي وطن جي هڪ خدمت ڪئي.

اهڙا گهڻا مثال ۽ گهڻا ماڻهو موجود آهن جيڪي بااصول ٿين ٿا. جيڪي ڪنهن مقصد لاءِ، ڪنهن اصول جي ڳالهه لاءِ، ڪنهن اصول جي حڪمرانيءَ لاءِ، پنهنجي زندگي کي هيچ ٿا سمجهن ۽ ائين پنهنجو پاڻ کي قربان ڪري ڇڏين ٿا.

ايمانداري جي ڳالهه اِها آهي ته مان خود پاڻ کي ڪيترائي ڀيرا ٽياس تي بيٺل ڏٺو آهي. جڏهن پاڪستان ٺهيو ته مون لاءِ هتان ڀڄي نڪرڻ تمام آسان هيو، پر منهنجي پنهنجي دل هتي هئي، منهنجو وطن هتي هيو. مان به سوچيندو هيس ته جنهن مهل مان ڪنهن ٻئي ملڪ ڏي هليو ويندس ۽ هندستان ڏي وڃڻ، منهنجي لاءِ سولو هيو، ته مان انهن جي کهڙي ڪم جو ٿيندس. مون جهڙا، منهنجي درجي جا، منهنجي سوچ جا، منهنجي فڪر جا، جن پنهنجي ملڪ جي ڀلي لاءِ، پنهنجي خيال مطابق، پنهنجون زندگيون قربان ڪيون آهن، اتي ڏهن نه، هزار نه، بلڪه لکين انسان آهن. ان وقت 1947ع ۾ مان 27 ورهين جي ننڍي عمر جو هيس ۽ ڏيڍ سال جيل ڪاٽي آيو هيس، معافي نه ورتي هئم. مان تمام گهڻا ورڪر ناهيا هئا ۽ نوجوانن جي تحريڪ ۾ هڪ تمام گهڻو اثرائتو رول ادا ڪيو هو. ته اهو اصول ۽ بي اصولي جو سوال هر وقت اُٿندو ٿو رهي. وري 1954ع ۾ منهنجون پيرون هتي آيون ۽ مون لاءِ ساڳي پوليس ۽ ساڳيا ڇاپا ڏنائون ته وري ساڳيو سوال اٿيو. مون کي هندستان هلڻ لاءِ چيائون. اصرار اهو ته اتي به ساڳي پارٽي جا لکين ورڪر ۽ سوين سئا دوست آهن ۽ هتان جا ساٿي پڻ اوڏانهن ويل آهن. پر مون هميشه هتي رهڻ کي ترجيح ڏني. اڄ به مان ڀڄڻ نه ٿو چاهيان. راڻي چندر سنگهه چيو ته تنهنجو نالو اڄان اسلام آباد ۾ وڃي پيو، ان جي ٻڌڻ سان حڪمرانن جي دماغن اندر گهنڊ وجڻ شروع ٿا ٿين: ته اهو اڄان جيئرو آ، اڃا هلي پيو، اڃا ڇُري پُري

پيو، اجا ڳالهہ کي جهيڙيون وينو آ-

هي جيڪو ڪتاب (Crito) آهي، اهو اڄوڪي وقت جي تقاضا آهي. ترجمي جي خوبصورتي تہ پنهنجي جاءِ تي موجود ئي آهي، پر جيڪو موقعو ۽ مهل اسان جي دوست، نوجوان، گُل چونديو آهي، اهو بيحد اهم آهي. هي ڪتاب رڳو پنهنجي دماغي تفريح لاءِ ترجمو نہ ڪيو ويو آ، پر اهڙن ڪتابن جي ضرورت آهي. اسان جا ڪيترائي مسئلا، ڪيترا سوال آهن جن جو جواب هي ڪتاب (قانون Crito) ڏئي ٿو. اڄ هر باضمير انسان آڏو هڪ نئون سوال اٿيو آهي New Social Contract جو. اسان جي ملڪ جي ماڻهن ۽ حاڪمن جي وچ ۾، رياست ۽ عوام جي وچ ۾ هڪ نئين سماجي معاهدي جي ضرورت آهي تہ اسان ڪهڙن شرطن تي هن ملڪ سان وفاداري نڀايون، ماتحت رهون يا حڪم ميڃون. ڇا رياست جيڪو ڪجهہ اسان کي ڏئي، ان جو معاوضو اسان کي اهو ادا ڪرڻو پوندو تہ پنهنجي ضمير کي سَلهاڙي، دٻائي رکون؟ - اسان کي تہ پنهنجي ڌرتي کي، پنهنجي نموني ۾، پنهنجي اصول، پنهنجي ضمير مطابق ناهڻ ۾ هڪڙو رول ادا ڪرڻو آهي- جيڪي ڪجهہ سقراط ڪيو تہ سقراط اڄ بہ ياد آهي ۽ جن، هن کي سزا ڏني، انهن مان ڪوبہ ياد ڪونهي.

اسان جيڪي پوري قوم جي ضمير جو نچوڙ ۽ ان جي سوچ ۽ فڪر جا علمبردار آهيون تہ اسان کي بہ ان مان سکڻو آهي تہ اصول تي هر صورت ۾ بيهڻو آهي. پوئتي هٽڻو ناهي ۽ جيڪڏهن پنهنجي زندگي گهورڻي پوي، تہ بہ نيڪ آهي. رستو آسان ڪونهي. جڻ پل صراط آهي. هيڏي بہ اوڙاهہ آهي، هوڏي بہ اوڙاهہ آهي. اياز چوندو هو تہ توهان ڪميونسٽ ترار جي ڌار تي هلندا آهيو، پر ڪميونسٽ هجڻ جي بہ ڳالهہ ناهي، هر باضمير ماڻهو، پوءِ اهو ڪميونسٽ هجي يا نہ هجي، جنهن کي ڪنهن مقصد سان محبت آهي، ان کي اهو سوچڻو ٿو پوي تہ مان هن دؤر ۾ ڇا ڪيان. ڀڄان، ويهي رهان، راهِ فرار اختيار ڪيان يا جتي بيٺو آهيان، اتي ئي بيٺو رهان يا ٽورو وڏي، انسانذات جي خدمت جو ڪو نہ ڪو طريقو ڪڍڻ گهرجي.

هي مڪالمو (Dialogue) اهي سوال اسان جي سامهون رکي ٿو. انهن جي ترجمي جي ذميواري، گُل پنهنجي مٿان اختيار ڪئي آهي ۽ انهيءَ کي پوري طرح نڀائيندو بہ اچي پيو ۽ انهي ڪاز سان لڳو پيو آهي. هي جيڪو ڪم گُل ڪري پيو، ان جو هڪ Permanant Value آهي. جنهن کي اسان سچ (Truth) ڪري چوندا آهيون، يوناني زبان اندر اهو Virtue ڪري ڪم ايندو آهي. سو ممڪن آهي تہ ترجمي ۾ ڪٿي نہ ڪٿي لفظن جي ڪا گنجائش نڪري. چو تہ اصل شيءِ کي سمجھڻ لاءِ ڪٿي ٻولي جو مونجهارو بہ ٿئي ٿو، پر اهو مونجهارو Original ۾ آهي، ترجمي ۾ نہ آهي. چو تہ زندگي، موت يا قانون يا رياست جي حڪمراني تي فلاسفرس جو بحث، ڪٿي نہ ڪٿي ابهام واري صورت پيدا ڪري ٿي ٿو. بهرحال گُل ڏاڍا سٺا ترجما ٿو ڪري ۽ انهيءَ لاءِ هن داد لهڻو.

**سوڀو گيانچنداڻي**

# دوستي

دوست ڪير آهي- دوست ڪنهن کي چئبو آهي؟

لغت ۾ ان جي معنيٰ لاءِ بس هي لفظ آهن: ساٿي، يار، رفيق، محبوب. پر اصطلاحي معنيٰ ۽ مطلب تي اچجي ته ڏاهن، فلسفين ۽ شاعرن کان وٺي ويندي عاشقن ۽ عام ماڻهن تائين، ان جون مختلف معنائون، وصفون ۽ وضاحتون آهن. اهو بيشڪ طئي ٿي سَهي ته دوستي هڪ رشتو آهي، ناتو آهي، تعلق آهي؛ پر اها پڻ حقيقت آهي ته ان رشتي جي گهرائي ۽ اوچائي جون حدون، ڪير به، مقرر ڪري، ماپي نه سگهيو آهي. بس هرهڪ ان کي سمجهڻ، سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ جي هڪ ڪوشش- ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

سماجيات جو علم ته انسان کي انسان سمجهي ۽ مڃي ٿي تڏهن ٿو، جڏهن هو ٻين انسانن سان گڏ گڏ رهي ٿو. هونئن به، انسان ڀلي ٻين ڪيترين ٿي شين کان سواءِ گذارو ڪري ٿي وڃي، پر پنهنجي چوڌاري رهندڙ انسانن کان سواءِ رهي نه ٿو سگهي. ايمرسن چوي ٿو:

"سيني کي سڀ ڪنهن جي گهرج هوندي آ
ڪوئي به اڪيلو سئو نه هوندو آ."

سماجي نفسيات مطابق، دوستيءَ جو پهريون بنياد، ٻن فردن وچ ۾، ويجهڙائي آهي. تنهن کان پوءِ هو رلي ملي آشنا ٿيندا وڃن ٿا. ۽ وڌيڪ اهو ته پوءِ اُهي ٻئي هڪٻئي کي سمجهي وٺڻ، هڪٻئي جو فڪر ڪرڻ، ذڪر ۽ خيال رکڻ لڳن ٿا. ۽ منجهن اهو احساس جنم وٺي ٿو ته ٻنهي جا روح ميل کائن ٿا.

ايملي ڊڪنسن پنهنجي لاءِ 'No Body' جو Notion ڪٿي ڪري پوءِ به پاڻ جهڙي، ٻئي جي ڀيٽا ڪري ٿو، ڀُولا ڪري ٿو ۽ وري

ان تي اڪتفا نہ ڪندي، تنهن ڪي جڳ جهان ڪان لڪائي ٿو تہ متان دنيا وارن کي پتو پوي ۽ هنن کي ملڪ نيڪالي ملي؛

"مان 'ڪو ڪونہ' آهيان! اوهان ڪير آهيو؟
ڇا اوهان بہ 'ڪو ڪونہ' آهيو؟
پوءِ تہ پاڻ ٻنهي جو جوڙو آهي!
پر پوءِ، ڪنهن کي بہ اها خبر نہ پوي،
نہ تہ اهي اسان کي ڏيهہ نيڪالي ڏئي ڇڏيندا-
توهان ڄاڻوئي ٿا."

ڪنهن ڪيفيت جي طاري ٿيڻ يا ڪنهن صورتحال ۾ هجڻ سبب، انسان پاڻ کي اڪيلو بہ محسوس ڪندو آهي. پر پوءِ بہ هو سماج کان، انسانن کان، دوستن کان ۽ دوستيءَ کان سواءِ الڳ نہ ٿو رهي سگهي.

Thoreau ڪيڏو نہ چٽو چوي ٿو:

"مون وٽ گهر ۾ ٽي ڪرسيون آهن. هڪ هيڪلائيءَ لاءِ، ٻي دوستيءَ لاءِ، ٽين معاشري لاءِ."

سيموئل جانسن چوائي:

"جيڪڏهن ماڻهو، جيئن جيئن زندگي گذاريندو هلي ٿو، ان ۾ نوان نوان يار دوستار ناهيندو نہ هلي تہ هو سٽت ئي اڪيلو رهجي ويندو. منهنجا سائين! ماڻهو کي پنهنجي دوستيءَ جي مستقل مرمت ڪندو رهڻ گهرجي."

سو انسان کي دوست گهرجي ئي ٿو. شاعر وليم بليڪ چوي ٿو:

"پکي کي آکيرو، ڪوريئڙي کي ڄار،
ماڻهو کي گهرجي دوست/يار."

پر پهريائين اهو تہ طئي ٿئي تہ دوست چئبو ڪنهن کي آهي.

لائٽن ان جي هڪ آسان/ گهري وصف ٻڌائي ٿو:

"دوست اهو آهي جيڪو ان ويل اوهان وٽ اچي وڃي ٿو، جڏهن

سڀني دنيا توهان کي ڇڏي وڃ ٿي.“

وري جبران جو فلسفو هي آهي:

”توهان جو دوست، توهان جي ضرورتن جي پورائي جو نالو آهي.“

تہ ڇا پوءِ دوست اهو آهي جيڪو گهمڻ ۾ گڏ هجي، کائڻ پيئڻ، اٿڻ، ويهڻ ۾ ساڻ هجي ۽ ايئن اوهان جو دوست سڏائي. لطيف سائين ٻڌائي ٿو:

”دوست سڏائي سيڪو، جاني زباني
آهي آساني، ڪم پوي ٿي ڪَلَ پوي.“

انجيل مقدس ۾ آهي:

”ڪو اهڙو دوست بہ آهي، جيڪو رڳو نالي جو دوست هوندو آهي.“ ۽ هي بہ انجيل ۾ ئي آهي تہ:

”ڪو اهڙو بہ دوست آهي جيڪو ڀاءُ کان بہ وڌيڪ ويجهو هوندو آهي.“ تہ پوءِ آخر ڪهڙو اسان جو دوست آهي؟ ڪهڙو ناهي؟-

حضرت علي اسان کي اهائي ڳالهہ هيئن سمجهائي ٿو:

”اوهان جا ٽي دوست آهن: اوهان جو دوست، اوهان جي دوست جو دوست، اوهان جي دشمن جو دشمن.“

۽ اوهان جا ٽي دشمن آهن: اوهان جو دشمن، اوهان جي دوست جو دشمن ۽ اوهان جي دشمن جو دوست.

دوست جون وصفون ٿي چڪيون. هاڻي ڏسون تہ دوستي ڇا کي چئجي.

گولڊ سمٿ سمجهائي ٿو:

”دوستي ٻن هڪجيترن جي وچ ۾ بنا غرض واري ڏيتي ليتي جو نالو آهي.“

سالسٽ وري هيئن سمجهي ٿو:
”انهن ساڳين ئي شين کي چاهڻ ۽ هڪجهڙن شين کان نفرت ڪرڻ، اهائي حقيقت ۾ سچي دوستي چئجي.“

حضرت سليمان فرمائي ٿو:
”ايمانداري واري موت ئي سچي دوستيءَ جي نشاني هوندي آهي.“
چو ته:
”دوستي روحن جي شادي آهي.“

تڏهن ته جبران چئي ويو:
”دوستيءَ ۾ سواءِ روح جي گهاٽي سُٻنڌ وڌائڻ جي، ٻيو ڪوبہ غرض نہ هجڻ گهرجي.... پنهنجي دوست کي اهو ڪجھ ڏيو، جيڪو اوهانْ وٽ سڀ کان بهتر ۽ اعليٰ آهي.“ نہ صرف اهو ۽ ايترو پر: ”.... هو جيڪر اوهان جي لهندڙ وير کي ڏسڻ چاهي ٿو تہ توهان کيس پنهنجي چڙهندڙ وير جو بہ نظارو ڪرايو ...“

حضرت سليمان تہ وري هيئن فرمائي ٿو:
”توهان پنهنجي دوست کي بد دعا بہ ڏئي سگهو ٿا، بلڪل ائين جيئن سوير سوير صبح جو وڏي آواز سانِ کيس کُليءَ دل سان ڪيڪاريندا آهيو.“
الائي ڪٿي مون هينئن بہ پڙهيو آهي:
”اسان هميشه ۽ هر هنڌ اهو تہ پڙهيو آهي تہ دشمن کي معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي؛ پر ڪٿي ائين نہ پڙهيو آهي تہ دوست کي معاف ڪجي.“

وليم بليڪ ڪيڏي نہ سهڻي ڳالھ ڪري ويو آهي:
”مان پنهنجي دوست کان ناراض هيم؛ مان هن تي پنهنجو ڏمر

ڪڍيو، منهنجي ڪاوڙ ختم ٿي وئي. مان پنهنجي دشمن کان ناراض هيم: مان هن تي پنهنجو ڏمر ڪڍيو. منهنجي ڪاوڙ وڌي وئي."

۽ رڳو ڪاوڙ ڇو-

"…. توهان جو وفادار ۽ سچو دوست ته توهان جي حياتي جو دارون آهي." (انجيل)

پوءِ ته اهڙي:

"… دوست جا گهاوَ به صحيح آهن." (انجيل)

اسان کي ته بس دوست تي اعتماد ۽ ڀروسو رکڻ کپي:

"… ان خيال کان ته متان اهي اوهان کي ڌوکو ڏين، اها وڏيڪ شرم جي ڳالهه آهي ته ڪوئي پنهنجي دوستن تي ڀروسو نه ڪري."

"… دوست اوهان کي ايذائي پوءِ به صحيح آهي. پر جڏهن دشمن توهان کي ڀانهن ورائي ڪنڌ ۾ وجهي ڀاڪر پائي ته به - هوشيار رهجو!" (انجيل)

ان پَل ئي مون کي استاد امانت علي جي راڳ جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو:

بهت چهوٹا هے مجهه سے ميرا دشمن
جو ميرا دوست هے، مجهه سے بڑا هے

مان بلڪل مطئمن ٿي، آخر ۾ علي سائين جو نهج البلاغه کوليان ٿو:

"…دوست دوستي ٽوڙي ته تون ان کي جوڙ، هو ڏور ٿئي ته تون ان جي اوڏو وڃ. هو کهرو ٿئي ته تون جهيٽو ٿيءُ. هو غلطي ڪري ته تون ان لاءِ عذر تلاش ڪر. دوست سان ائين ورتاءُ ڪر جڻ تون ٻانهون آهين ۽ هو مالڪ. پر هوشيار! اهو ورتاءُ بي مهل نه هجي ۽ نا اهل سان نه هجي…."

هي ڇا؟- سڀ ڪجهه صحيح، پر علي سائين هي آخر ۾ ڇا فرمايو: 'هوشيار! اهو ورتاءُ بي مهل نه هجي ۽ نااهل سان نه هجي.'

مان ڇرڪي پوان ٿو. هاڻي ڪير اهو تعين ڪري ته اوهان جو عمل بي مهل آهي يا نااهل سان آهي. هاڻي جي دوستي رکجي ته ڪنهن

سان رکجي. نادان سان يا داناءَ سان؛ خوبصورت سان يا نيڪ سيرت سان؛ دولتمند سان يا غريب سان؛ هڪ جيڏي هڪ جيتري سان، عمر رسيده بزرگن سان يا ننڍي وهي وارن سان؛ پڙهيل يا اڻ پڙهيل سان؛ پنهنجي سان يا پرائي سان؛ عورت سان يا مرد سان-

دوستي دل جي چونڊ تي ڪئي وڃي يا دماغ جي؟- پر ڳالهه ته اها به آهي ته دوستي ڪئي ويندي آهي يا ٿي ويندي آهي؟- ڪنهن چيو آهي:

”هر طعام خاني ۾ مون کي هڪ دوست ڳولجي ويندو آهي.“

ڪنهن ٻئي چيو:

”دوست ناهيا نه ويندا آهن، دوست ليجي پوندا آهن“

پلا دوست ناهجي يا ليجي پوي. ان کان پوءِ، لازمي طور، دوستي دائمي هوندي آهي، هجڻ گهرجي يا اها ڪُٽي، ختم ٿي، ڦِٽي ويندي آهي.

جان ايولن ته چوي ٿو:

”... دوستيءَ اهو سونو سڳو آ جيڪو نه رڳو دوست جي، پر ساري دنيا جي دل جوڙي ٿو.“

پر جان سنگر جو خيال هي آهي:

”هر پيري جڏهن مان ڪا تصوير ناهي بس ٿو ڪيان ته مان هڪ دوست وڃائي ويهان ٿو.“

ڪنهن ٻئي چيو:

”مان دوست وڃايا آهن. ڪي ان ڪري جو اهي مري ويا ۽ ٻيا رڳو ان ڪري جو مان گهٽي ٽپي، پرئين پاسي انهن جي گهر در تائين وڃي نه سگهيس....“

جي ائين آهي ته پوءِ دوستي ڇاهي، نياءُ ڇاهي- ڪامئي وٽ وري ان لاءِ هڪ انوکو ۽ عجيب جواب آهي:

”... همدرديءَ جي ڀيٽ ۾، دوستيءَ ۾ سادگي گهٽ آهي.

دوستيءَ جو هٿ اچڻ واقعي وڏيڪ مشڪل ۽ دير طلب آهي، پر هڪ ڀيرو هٿ اچڻ کان پوءِ ان مان ڇوٽڪاري جو ڪوبہ گس ڪونهي: بس ڪيئن بہ ڪري ان کي نڀائڻو آهي... دوستي- اها ڪا حاصل ڪرڻ جهڙي شيءَ تہ آهي ئي ڪانہ."

A Happy Death ۾ ڪامئو جو هڪ ڪردار، مرسالٽ، پنهنجي سابق محبوبہ سان هيئن هم ڪلام آهي. هوءَ پڇيس ٿي:

"تہ پوءِ تون مون سان پيار نہ ٿو ڪرين؟"

"ہار آهين، مون تہ ائين ڪڏهن بہ ڪونہ چيو هو تہ مان ڪيان ٿو."

"پلا گهٽ ۾ گهٽ تون مون ڏانهن دوستاڻا جذبا تہ رکين ٿو نہ؟"

"دوستاڻا، ها- بس ائين جيئن هن رات جي لاءِ دوستاڻا جذبا آهن"

۽ مون کي ياد ٿو اچي، دنيا داري جي طارق روڊ تان لنگهندي، مان پاڻ بہ هڪ سائن بورڊ تي هي اکر لکيل پڙهيا هئا:

دوستي = Midway Shoping

۽ مان لکڻ کان بس ڪري، قلم ۽ ڪاڳر سان گڏ ڪنڌ بہ ميز تي رکي ٿو ڇڏيان. ويچاريان ٿو تہ ڇا واقعي دوستي ائين ائين آهي؟! ڇا واقعي ڪوئي ڪنهن کي سمجهي نہ ٿو سگهي؟- ايتري ۾ اسٽين بئڪ، منهنجي سڄي ڪن ۾ سرباٽ ڪري چوي ٿو:

"در حقيقت ڪوبہ انسان، ٻين انسانن کي نہ ٿو ڄاڻي سڃاڻي، هو وڌ کان وڌ بس اهو ڪري سگهي ٿو تہ ائين سمجهندو آ تہ اُهي بہ هن جهڙا آهن..."

منهنجو ڪنڌ اڃا اُتي ئي آهي تہ ڪامئو اچي ڪَبي ڪَن ۾ ليڪچر ڏئي ٿو:

"... يقين ڪر، تہ وڏي پيڙا، وڏو پڇتاءُ، وڏي ياد/ سَار جهڙي ڪا شيءَ هوندي ئي ناهي... هر هڪ شيءَ وسري ويندي آهي، ويندي وڏو پيار بہ...."

تہ ڇا ڪوئي ڪنهن جو دوست ناهي؟ ڪوئي ڪنهن سان پيار نہ ٿو ڪري؟

ڪامئو منهنجي ڪنڌ کي مٿي ڪري، ڪرسي سوري، سُري منهنجي پرسان اچي ويهي ٿو، مون ڏانهن منهن ڪري مون کي سمجهائي ٿو:

”منهنجا سائين! انسان ٿيندو ئي اهڙو آهي! سندس بہ روپ آهن:

هو پنهنجو پاڻ سان محبت کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان بہ محبت نہ ٿو ڪري سگهي....“

...اسين پنهنجن دوستن مان رڳو انهن سان پيار ڪريون ٿا، جيڪي اسان کان تازو وڇڙي ويا آهن: اسان انهن جي دکدائڪ موت سان، پنهنجن جذبن سان ۽ جذبن جي پنهنجائپ سبب، خود پنهنجو پاڻ سان پيار ڪريون ٿا...“

هو اڃا بس نہ ٿو ڪري.

”... ائين نہ سمجهو تہ اوهان جا دوست هر روز شام جو فقط اهو ڄاڻڻ لاءِ اوهان کي فون ڪندا تہ متان اها ئي شام هجي، جڏهن اوهان آپگهات ڪرڻ جو فيصلو ڪري رهيا هجو. يا توهان کي ڪنهن دوست جي رفاقت جي ضرورت تہ ناهي، يا توهان ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻ جي موڊ ۾ تہ نہ آهيو. گهبرايو نہ، هو اوهان کي فون ضرور ڪندا، پر ان شام جڏهن اوهان اڪيلا نہ هوندا، جڏهن زندگي اوهان جي اڳيان حسين ۽ خوبصورت هوندي. باقي رهيو آپگهات جو سوال، سو خاطري ڪريو تہ هو پاڻ اوهان کي ان جو مستحق سمجهي، ان ارادي پوري ڪرڻ ۾ پوري مدد ڪندا...“

پوءِ اٿي ٿو ۽ ويندي ويندي چوندو ٿو وڃي:

”خدا اسان کي پنهنجي دوستن جي هٿان ڪنهن اوچي درجي تي پهچڻ کان محفوظ رکي.“

ائين ڪامئو، ڪن جي پاپڙين ۽ نَڪ جي چوٽيءَ سان آڱوٺي ۽ اشهد آڱر جي ورزش ڪندو موڪلائي وڃي ٿو، تہ پريان وري والٽيئر

رڙيون ڪندو، ڊوڙندو ٿو اچي:

”... مون کي منهنجي دوستن کان بچايو، دشمنن سان مان پاڻ پُڄي پوندس...“

هن کي ڏسي، مون کي ڪنهن گمنام شخص جي هي ڳالهه ياد اچي ٿي:

”... هو ڇترون ڪري ڪري مئانئن ڪِليو، جيئن جيئن هن جي هر دشمن هڪ پٿر ڪٽي ڪيس هنيو. پر جڏهن سندس دوست هن کي گُل اڇلائي هنيو تہ سڄي شهر هن جون آهون ٻڌيون...“

۽ مون کي ان ئي پَل عابده پروين جي ڳايل غزل جو هڪ بند بہ ياد اچي ٿو:

وقت وارن جا وارَ سهبا پر
دوستن جو سلوڪ ماري ٿو.

عابده جو آواز زمان ۽ مڪان جون حدون ٽپي وڃي ٿو. سڀ سرحدون ۽ صديون لتاڙي وڃي ٿو. سلطنتِ روم مان، شهنشاه سيزر دانهن ڪري ٿو:

”هڪ دوست کي تہ پنهنجي دوست جي ڪمزورين جو سهارو ٿيڻ گهرجي. پر بروٽس منهنجين کي اجا وڏائي وڏو ٿو ڪري...“

شيڪسپيئر چئي ٿو:

”... اڪثر دوستي ڊوڱ هوندي آهي، اڪثر پيار ڀُل هوندو آهي...“

شاعر وليم بلئڪ ٻڌائي ٿو:

”... تنهنجي دوستي اڪثر منهنجي دل کي ڏک رسائي پئي ڏکايو آهي، منهنجو دشمن ٿي– دوستيءَ جي خاطر.“

انجيل چيو:

”... مان پنهنجي ئي دوست جي گهر ۾ زخمي ٿيس...“

مان بہ بہ تڙپي پوان ٿو. ڪجهہ ياد اچي ٿو، ڪجهہ وسارڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. پر منهنجي اندر جي ريج جو اوبر ٻاهر نڪري اچي ٿو:

آدمر خور جهڙا ٽَنهن هجن
پاڻ کي جهيريان
ڊراڪولا جهڙا ڏند هَجن
پاڻ کي چيريان
پنهنجي هڏن کي
سُڪين ڪانين وانگي ڀڃان
مُڃ وانگي ڪُٽي پاڻ کي
واڻ وانگي وٽيان
هاءِ هن گهڙيءَ کي
هن هڪڙي پَل کي
هن هڪڙي پَل کي
هن پَهر کي، هن پُور کي
ڪيئن ڪَٽيان؟
ڪيئن گذاريان؟؟
ڇا ڪيان مان؟؟؟
ڪيئن ڪيان مان؟؟؟؟

مان هِن پَل پاڻ کي هيڪلو ٿو محسوس ڪيان- بلڪل اڪيلو- مان اڪيلو آهيان ٿَر جي رڻ جي توهر جيان؛ رُڃ ان احسان کي اجا سگهارو ڪري ٿي. مان اڪيلو آهيان بيابان بيابان ۾ بيٺل، ڪبڙ جي ڪاڏل، پَوري پوڙهي وڻ جيان؛ بيابان جي وسعت ان احسان کي ويتر وسيع ڪري ٿي. مان اڪيلو آهيان، قبرستان ۾ بيٺل ڪِرڙ جيان؛ مقام جي خاموشي، ڪاري رات سان رَلجي، منهنجي اڪيلائي کي اجا گهَرو ڪري ٿي.

مان بيوس تي، اسٽڊي ٽيبل جي سامهون پٽ تي لڳل دوستووسڪي جي تصوير ڏانهن ڏسان ٿو. تصوير ڳالهائڻ لڳي ٿي:

"... ڌرتيءَ جي هن گولي تي انسان اڪيلا ئي آهن. اهو ئي ته اهنج آهي... هرهڪ شيءِ مئل آ، هرهنڌ مُردا پکڙيا پيا آهن. بلڪل به اڪيلا انسان آهن ۽ تن جي چوڌاري بس آهي_ سانت سانت چپ چپات. اهڙي ئي دنيا آهي جنهن ۾ اسان رهون ٿا- 'انسان هڪٻئي سان پيار ڪن ٿا' ڪنهن چيو ائين، اهو ڪنهن جو فرمان آ؟...."

هينئر مون کي پاڻ کي Compose ڪري رکڻ ڏکيو ٿيندو وڃي ٿو. ۽ مان ڪنهن ٻئي جي'Mercy Killing' جي نسخي جو شڪار ٿيڻ کان بچڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجي موت مرڻ لاءِ سڌو سنڌو ڪناري پهچي وڃان ٿو. مان اوراِ اُيو آهيان، ۽ پرار کان ڪو پڙاڏو ٻڌجڻ ۾ اچي ٿو: جيون... بس... هڪ ... سڏڪو... آهي... آهي... آهي.

ان گهڙيءَ الائي ڪيئن، ڪٿان ۽ ڇو مون کي مولانا رومي ٿو ياد اچي:

**I am he whom A love, He whom A Love is is I.**

۽ مان Naricisst (؟) بڻجي، مهراڻ جي موجن ۾ پنهنجو عڪس چمڻ لاءِ آتو ٿي، اڳتي وڌي، پاڻ اڇلائڻ جي ڪيان ٿو ته هڪ شعر چقمق بڻجي، مون کي پويان ڇڪي ڇڏي ٿو:

"وري هڪ پيار جي ڳولا، ۽ سوار ٿيڻ ڪرڻ لاءِ
هڪ پيرو وري وڃائڻ ۽ وري گهاءَ سَهڻ لاءِ"

۽ ائين آءُ ٽڪل ٽُٽل، ڌَٻل پُريل، هڪ پيرو وري دل کي سُئي سڳي، اسٽيپلر ۽ ايلفي سان ٽوبي، ٽاڪي، ڳنڍي جوڙي – مان سماج جي Superego جو Victim پنهنجي خوشفهمين، اياٽپ ۽ -Inde cisiveness جي ٽنهي ڳنڍين کي ڳڏائي، وڏي ڳوري ٻَڌَ ناهي، مٿي تي کڻي، پنهنجي منهن، هيڪلو ئي هيڪلو، اڪيلو نويڪلو، سواءِ ڪنهن تعين ڪيل طرف جي، اڻ لٽاڙيل پيچرن تي نڪري پوان ٿو.

گونگا سڏ ڪندو تو وتان:

دوستي تنهنجو ڇاهي نانءُ؟

زندگيءَ جو ساهه يا ڪو گهرو گهاءُ؛ ڌرتيءَ جو جهولو يا هير جو ڪو جُهوتو،
چنڊ جي چانڊوڪي يا تکي سج جو تاءُ؛ دوستي تنهنجو ڇاهي نانءُ؟؟...

دوستي تون ڇا آهين؟

مُرڪ آهين، سُرڪ آهين؛ ڪو ڌوڪو يا ڪا جهٽڪ آهين؛
منزل آهين ماڳ آهين؛ يا ڪا رُڃ سراب آهين؛
ٿهڪ آهين لڙڪ آهين؛ سوال آهين جواب آهين،
دوستي تون آخر ڇا آهين؛ دوستي تون ڪٿي آهين؟؟

۽ ائين مان رلندو رَمندو رهان ٿو، ڳوليندو وتان ٿو، دوست کي، دوستي کي - يا شايد پنهنجو پاڻ کي - اجهو، منهنجي ڪَن تي بيدل سائين جي ڪافي پوي ٿي. فقير حسين بخش خادم روهڙي جي تڪرين تان نعرو هڻي ٿو:

”پاڻ ڳولينديڙ پاڻ کي ڳولي، عشق غيور وڃايس عنبر“

اڙي! مان ته هينئر سچل سائينءَ جي ننگريءَ ۾ پهچي ويو آهيان!!
مان سچل کان پڇان ٿو: ڪوئي آهي؟- دوست ڪٿي آ - ڪير آ؟
سچل سَچو ۽ کَرو، علي الاعلان چئي ٿو:

”مين تان ڪوئي خيال هان، وو، هُڻ ليسان نال خيال دي“

مون کي الائي ڪهڙي قسم جي تَشفي، تَسلي ٿئي ٿي، عجيب آٿت ۽ اتساهه ملي ٿو. ساهه پئي ٿو، سڪون ملي ٿو. مان صحن ۾ سمهي پوان ٿو. گهري ننڊ ڪٺي ٿي وڃي ۽ ننڊ ۾ خواب ڏسان ٿو:

خواب ۾ ڏسان ٿو ته مان سچل جي نگريءَ ۾: بنيءَ ۾، ڪيڙي ۾، سَرن ۾، ٻوڙن ۾، رلندو ٿو وتان ته ڪوئي اجنبي اوچتو اچي منهنجو هٿ پَڪڙي ٿو. مان حيران ٿي هن ڏانهن ڏسان ٿو. هو هڪدم پُراعتماد ۽ مانيٺي لهجي ۾ مون سان هم ڪلام ٿئي ٿو:

”عجب نه ڪاءُ، دوست! مان تنهنجو دوست آهيان -“

”پر مان تہ توهان کي اڳ ۾ نہ ڪٿي ڏٺو آهي، نہ مليو آهيان، نہ ڳالهايو آهي، پاڻ تہ بلڪل اجنبي ۽ ناآشنا آهيون.“

هو ڪيڙي مان نڪري، ٻَني سان گڏ وهندڙ واهہ جي ڪپ تان، ٽالهين جي ڇانوَ ۾ مون کي هٿ کان وٺي هلڻ لڳي ٿو ۽ ڳالهائيندو بہ هلي ٿو: ”دنياداري جي حساب ۾ اڻ واقف ٿي سَهي، پر پاڻ ڪن نيڪون کان اڳ دوست آهيون. اجهو هي سچل شاهد آ:

”آهيان اوهان جهڙو ائين،
دوست ڇوين ڪير آهين؟!..“

پوءِ هو مون کي ٻَني تي پيل، ڪانهہ جي ڪَپيل، سُڪل ٻُوڙي جي مٿان ويهاري، پوري اعتماد ۽ تقدس سان منهنجي پرسان سُري ويهي ٿو. پنيان اَڪُ، انبڙين ۽ ٽُلڙين جي ٿوهہ جواني جي بار سان جهُڪي ٿو ۽ جهُومي ٿو. سامهون سچل سائين جو روضو آهي، ۽ ائين منهنجو اجنبي دوست، ڪڏهن ڏاڍيان ڪڏهن سرگوشيءَ سان، لطيف سائين جي ڪلام سان مون کي دوست ۽ دوستي بابت سمجهائي ٿو.

دوست ان کي چئجي جنهن کي:

اڪڙيون علي الصباح، دوست ڏيکڻ آيون.

دوست اهو آهي جيڪو:

ڏِين پري هٿڙا، دارون دوست ڪريج.

دوست اهو آهي جنهن وٽان:

وڃان ڪين وري، هوند ريءَ ڇٽي رهي رهان
دونهين پاسي دوست جي، ماڳهين پوان مري.

دوست اهو آهي جنهن لاءِ:

هڏ نہ ساه سڏير، دل درماندي دوست ريءَ.

دوست اهو آهي جيڪو:

جيئن مينهن ڪنڌي پوءِ تيئن دوست وراڪو دل سين.

پوءِ هو مون ڏانهن نهاري چوي ٿو:

– نانئي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو،

– وڃي ڏُور مَ ڏور، درا منجهہ دوست ٿيو.

پوءِ هو پنهنجي سُندر سُندر، ڌيمي ۽ مڌر آواز ۾ جهونگاري ٿو:

دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو!

ڏينهين پڄاڻي آئي اسان ڪي، موليٰ محب ملايو!

هو جنين جو ڏس ڏورانهون، اوڏو اڄ سو آيو!

دوست پيهي در آيو!

مان هڪ پل لاءِ ڏانهس نهاري، ٻي پَل اکيون بند ٿو ڪري ڇڏيان. هو آهستگيءَ سان پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي رکي ٿو ڇڏي. هو گهري ننڊ ۾ پئجي ٿو وڃي ۽ مان اکيون کولي سامهون سچل سائين جي روضي ڏي ڏسان ٿو.

نماڻو، فقير غلام حسين، مست موڻ شاهہ ۽ ڳاڙها وار ڪلهن تي کولي، سهراب فقير – صحن ۾ سُنگ ۾ ڇُٽي رهيا آهن:

”مين تان ڪوئي خيال هان، وو، هڻ ليااسان نال خيال دي“

---

مان دوست / دوستي کي ائين ٿو سمجهان.

اوهان ڪجهہ مختلف سمجهندا هوندؤ.

اڄ کان اٽڪل اڍائي هزار ورهيہ اڳ، سقراط وري ان کي اڃهو هيئن سمجهيو هيو: ... ...

# دوستي
## (LYSIS OR FRIENDSHIP)

### مڪالمي جا ڪردار:

1 - سقراط، جيڪو قصو بيان ڪندڙ آهي.
2 - مينيڪسينس
3 - لائسس
4 - هپوتيليس
5 - ستيسيپس

### جڳهه:

– اٿينس جي پناه ديوار جي ٻاهران
نئون تهيل اکاڙو.

مان اڪيڊمي کان سڌو سڌو لائڪيم طرف رُخ رکيو. دل ۾ اهوئي خيال آئي تہ جيئن پِت سان بلڪل لڳولڳ وارو ٻاهريون دڳ وڃي وٺان، جيئن شهر جي پُنين دروازي وٽ پهتس، جيڪو پانوپَس جي چشمي وٽ آهي، تہ مون کي هائرونيمس جو پٽ هپوٿيليس ۽ پائنيا جي شهر جو ستيسيپس گڏيا. هنن سان گڏ سندن ٻيا نوجوان سنگتي بہ ٽولي ڪيون بيٺا هئا. ويجهو ٿيڻ تي هپوٿيليس مون کان پڇي ورتو تہ مان ڪٿان پئي آيس ۽ ڪيڏانهن پئي ويس.

”اڪيڊمي کان اچان پيو ۽ سڌو لائيڪيم پيو وڃان“ مون وراڻيو.

”پوءِ ڪٽي اسان ڏي لڙي پئو ۽ هن سڄي سنگت سان اوهان بہ ڪٺي رَلجي پئو.“ هن چيو.

”اوهان آهيو ڪهڙا ڪهڙا ۽ مون کي هلڻو ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو.

هن مون کي پِت جي آمهون سامهون هڪ کليل دروازو ۽ احاطو ڏنل جڳهہ ڏيکاري ۽ چيو ”ان عمارت ۾ اسان سڀ سنگتي ڪٺي ٿيندا آهيون: ۽ اسان جي بہ ڳاهوڪي سنگت آٿو.“

”اها عمارت ڇا جي آهي ۽ اوهان وٽ ونڊر ڪهڙي هوندي آهي؟“ مون پڇيو.

ان تي هن ٻڌايو ”اها عمارت هڪ نئين اڏاوت ٿيل اکاڙي جي آهي ۽ ونڊر عام طور تي ڪچهري هوندي آهي، جنهن جي اسان توکي بہ دعوت ڏيون ٿا.“

”مهرباني“ مون چيو، ” پلا اوهان وٽ ڪو استاد بہ آهي؟“

”هائو، اوهان جو جهونو سنگتي ۽ مداح، مائڪس“ هن وراڻيو.

”سچ پچ، هو تہ بلڪل ناليرو معلم آهي“ مون چيو.

”تہ ڇا اوهان بہ هن سان ملڻ لاءِ، اسان سان ساڻ هلڻ تي راضي

تي ويا؟“ هن پڇيو.

”هائو“ مون چيو. ”پر پهريائين مون کي اهو تہ ٻڌايو تہ مون کان چاهيو ڇا ٿا ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ اوهان جي سنگت منجهہ منظور نظر ڪير آهي؟“

”سقراط، ڪن همراهن جوَ منظورِ نظر ڪوئي هڪڙو آهي، تہ ڪن جو وري ڪو ٻيو.“ هن چيو.

”يلا تون ٻڌاءِ هپوٿيليس، تہ تنهنجو ڪهڙو آهي“ مون چيو.

ان تي هن جا ڳل، لڄ کان لال ٿي ويا. مون کيس چيو، ”هائرو نيمس جا فرزند ارجمند، هپوٿيليس، هاڻي اٿين چئہ ٿي نہ تہ توکي پيار ٿي ويو آ يا ٿيو ٿي نہ آهي، اهڙي اعتراف کي گهڻي دير ٿي چڪي؛ ڇو تہ مان ڏسان ٿو تہ توکي نہ رڳو روڳ لڳو آهي، پر پنهنجي پيار ۾ تون هيئنر ڏاڍو گهرو ۽ پري وڃي نڪتو آهين. سادو سودو ۽ بي عقل بيشڪ آءُ آهيان ٿي سهي، پر ديوتائن مون کي ان قسم جي چاهتن کي پُرجهي ۽ سمجهي وٺڻ جي صلاحيت ڏني ٿي آهي.“

ان تي هو حياءَ کان وڌيڪ ڳاڙهو ٿيندو ويو.

۽ سٽيسپس هن کي چيو: ”هپوٿيليس، توکي اٿين ڳاڙهو ٿيندي ۽ سقراط کي ان جو نالو ٻڌائڻ کان هٻڪندو ڏسي، مونکي تہ مزو ٿو اچي. ڇو تہ جيڪڏهن هو توسان ڪجهہ گهڙين لاءِ ٿي سَهي، پر گڏ هجي ها تہ تو وٽ ڳالهائڻ لاءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ هجي ٿي نہ ها ۽ هُن کي تہ ڳالهين ڳالهين سان ٿي ماري ڇڏين ها. سقراط، سچ پچ تہ هِن اسان کي واقعي ٻوڙو ڪري وڌو آهي. ۽ اسان جا ڪَنَ، لائسس جي تعريف سان يَري بند ڪري ڇڏيا اٿائين. ۽ جيڪڏهن هي همراه ٿورو بہ مدهوش هجي تہ ان جا بلڪل امڪان آهن تہ، لائسس نالي جي رَڙ سان، اسان جون ننڊون حرام ٿي وڃن. نثر ۾ هن جي ڪارڪردگي ڪافي خراب آ، پر سندس شاعريءَ جي پيٽ ۾ اها ڄڻ تہ ڪجهہ بہ ناهي: ۽ جڏهن هي پنهنجا بيت ۽ ٻيا گيت، اسان تي مينهن وانگي وسائي، انهن سان وهنجاري ٿو تہ اها حالت تہ سهپ کان ٿي ٻاهر آهي،

۽ پنهنجي پيار جي روبرو، هن جي ڳائڻ جو انداز تہ ويتر ابتر آهي. سندس آواز باقاعدي پڌ ۽ دهشت پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ اسان، ڪيس ٻڌڻ تي مجبور آهيون؛ وري هينئر ڏسو تہ جڏهن هن کان سوال پيا پڇو تہ ڪيئن تو ڳاڙهو ٿيندو وڃي؟"

"ڪير آ لائسس؟" مون چيو "منهنجو اندازو آهي تہ هو ننڍي عمر جوئي هوندو، ڇو تہ ان ناالي سان مون کي ڪوبہ ياد نہ ٿو اچي."

"هن جو والد تہ مشهور ماڻهو آهي" هن چيو، "۽ پيو تہ ڪيس اڃا تائين پنهنجي نالي سان نہ ٿو سڏيو وڃي، پر وڏڙن جو نالو رکيل اٿس. پوءِ بہ جيتوڻيڪ اوهان کي هن جي نالي جي خبر نہ آهي، پر مون کي پڪ آهي تہ اوهان هن جي چهري کان واقف هوندائي سهي، ڇو تہ سندس صورت ڪيس نروار ڪري بيهارڻ لاءِ ڪافي آهي."

"پر مون کي ٻڌايو تہ سهي تہ هو پٽ ڪنهن جو آ؟" مون چيو.

"هو ايڪساني شهر جي دمقراط جو وڏو وڏو پٽ آهي"

"واه! هپوٿيليس واه! تون ڪيڏو نہ خاندان ۽ بي عيب محبوب ڳولي لڌو آهي." مون چيو، "منهنجي خواهش آهي تہ تون مون تي بہ مهربان تي اهڙو مظاهرو ڪر، جهڙو باقي سنگت آڏو ڪندو رهيو آهين. ۽ پوءِ ٿي مان اهو اندازو ۽ انصاف ڪري سگهندس تہ ڇا تون واقعي بہ ان کان واقف آهي تہ هڪ عاشق کي پنهنجي محبوب جون ڳالهيون ٻين ماڻهن سان ڪيئن ڪرڻ گهرجن. يا خود ان محبوب سان هم ڪلام ڪيئن ٿيڻ گهرجي."

"نہ،نہ سقراط؛ هي همراه (ستيسيپس) جيڪي چوي ٿو، ان کي اهميت ٿي نہ ڏيو." هن چيو.

مون پڇيو، "تُنهنجو مطلب آ تہ تون ان شخص سان پيار کان انڪاري آهين. جنهن لاءِ هي تنهنجو سنگتي ٻڌائي ٿو تہ توکي ان سان پيار ٿي ويو آ."

"نہ، نہ- پر مان ان کان انڪار ٿو ڪيان تہ ڪو شعر لکندو آهيان يا هُن جي آڏو ڳائيندو آهيان."

”هِن جو هوش جاءِ نہ آهي. هائي هي اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ٿو ڪري ۽ بس چريو ٿي چڪو.“ ستيسيپس چيو.

تنهن تي مون هن کي چيو ”هپوٿيليس، تنهنجي راڳ ٻڌڻ جي خواهش مون کي ڪونهي، پر پنهنجي منظورِ نظر جي مان ۾ جيڪي شعر تون ناهيا آهن، انهن جي مواد ۽ مضمون جي نہ خبر پوي، تہ جيئن مان اهو پرکي سگهان تہ تون ڪهڙي طريقي سان پنهنجي محبوب جي ويجهو وڃين ٿو.“

”ستيسيپس کان ئي پڇي وٺو. چو تہ هو دعويٰ ڪيون ويٺو آ تہ منهنجا جملا، گيت ۽ شعر هن جي ڪَنن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجندا ٿا رهن. ظاهر آ، هن کي تہ پوءِ پوري پوري خبر ۽ يادگيرو هوندو ئي سَهي.“ هن چيو.

”ها، ها، بلڪل- مون کي تہ پوري پوري خبر آهي.“ ستيسيپس چيو. ”سقراط، هن جي آڪائي ڏاڍي ڪل جهڙي آ: جيتوڻيڪ هي هڪ عاشق آهي ۽ بيحد وفادار عاشق، پر هن همراه وٽ پنهنجي محبوب سان گفتگو لاءِ ڪابہ خاص ڳالهہ تہ هوندي ڪونهي. بس اهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي، جيڪي جيڪر ڪو ٻار بہ نہ ڪري. هائي آهي نہ اها کِلَ جهڙي ڳالهہ؟ هي ڳالهائي ٿو تہ دمقراط جي دولت بابت، جنهنجو سڄي شهر ۾ هُوندَ ئي هُل آهي ۽ ٻيو هُن جُوانڙي جي ڏاڏي لائسس ۽ سندس ٻين وڏڙن جي باري ۾ ۽ سندن گهوڙن جي نسلن بابت ۽ پِٿيا جي راندين، ايستمس ۽ نيميا ۾ هڪڙي گهوڙي ۽ چئن گهوڙن سان سندن جيت بابت - اهي ئي آڪائيون هو جوڙي ٿو ۽ ورجائيندو وتي ٿو. ۽ اڃا هن جي ٻي چِتي ڪوري واري ڊيگهہ بہ ٻڌو- ڇا ٿيو جو ڪَلهہ نہ ٿيون ڏينهن، هن هڪڙو بيت ناهي ٻڌايو، جنهن ۾ هيراڪليز، جنهن جو لائسس جي خاندان سان ڪو تعلق وڃي لڳي، ان جي هڪ مهمان جو بيان ڪنيائين ۽ ائين همراهہ قصو جوڙيو تہ ڪيئن ان رشتي جي نسبت سبب، لائسس جي ڪنهن وڏي ابي ڏاڏي ياران هُن جي خاص مهماني نوازي ڪئي وئي ۽ سندس اهو ابو ڏاڏو خود زيوِس ديوتا کي،

هن جهان جوڙيندڙ جي ڏيءَ منجهان ڄائو هو. اهي اهڙي قسم جون پوڙهين عورتن واريون آکاڻيون، هي برزبان بيان ڪري ٿو. ۽ اسان کي اِهي زوروڻ بہ ٻڌڻيون ٿي پون ٿيون."

اهو ٻڌندي مون چيو: "اهو تون پنهنجي ئي شان ۾ ڪيئن پيو گيت ناهين ۽ ڳائين، جيستائين تون ڪٿيو ٿي ناهي؟"

"پر سقراط، منهنجا گيت ۽ شعر، منهنجي پنهنجي شان ۾ تہ آهن ئي نہ" هن چيو.

"تہ تون ائين نہ ٿو سمجهين." مون پڇيو.

"نہ ڪو، مان تہ ائين نہ ٿو سمجهان- چو، اوهان ڇا ٿا سمجهو؟" هن ورندي چيو.

"يقيناً اهي گيت سڀ سارا تنهنجي پنهنجي ئي شان ۾ آهن." مون چيو، "چو تہ جيڪڏهن تون پنهنجي خوبصورت پرين کي ڪٿي وڃين ٿو تہ پوءِ تنهنجا اهي خطبا، بيان ۽ گيت تنهنجي پنهنجي واکاڻ ٿي بڻجي ويندا ۽ بلڪل بجا طور تنهنجي پنهنجي شان ۾ جوڙيل تعريف جا شُبد ليکجڻ ۾ ايندا، جو تون اهڙو پيار فتح ڪيو ۽ ڪٿيو هوندو، پر جيڪڏهن هو توکان پرتي ٿي ٿو وڃي تہ ان صورت ۾، هڪ اهڙي خوبصورت ترين ۽ بهترين نعمت وڃائي ڇڏڻ تي تون ايڏو ئي وڏيڪ کِلَ جهڙو بڻجي ويندين، جيڏي وڏي واکاڻ تون هن جي ڪئي هوندي. تنهنڪري ڏاهو عاشق، پنهنجي معشوق جي تعريف اوستائين نہ ڪندو آهي، جيستائين ان کي حاصل نہ ڪري. چو تہ هو اتفاقن ۽ امڪانن کان خبردار رهندو آهي. ۽ هڪ ٻيو خطرو بہ تہ هوندو آهي. جيڪڏهن، ڪوئي ڇڳن ڇهرن جي تعريف ڪندو ۽ ائين انهن کي آسمان تي چاڙهي ڇڏيندو آ تہ پوءِ اهي ويندا مغرور ٿيندا ۽ هرويرو فخر ۾ ڦونڊجي ويندا آهن. ڇا تون مون سان متفق نہ ٿيندين؟"

"هائو، بلڪل." هن چيو.

"۽ جيترو وڌيڪ آڪڙبا ويندا، اوترو ئي ڏکيو هٿ ايندا؟"

"مان مڃيان ٿو."

”ٻڌاءِ ڀلا تہ اهو بہ ڪهڙو شڪاري ٿيو، جيڪو پنهنجي شڪار کي ڀڄڻ ڏئي ڀڄائي ڇڏي ۽ جن جانورن جي شڪار تي نڪتو آهي، انهن کي پڪڙڻ رهندو سهندو ڏکيو ٿي پئيس.“

”پڪ ئي پڪ، هو تہ هڪ ناڪام شڪاري ئي ٿيو.“

”بلڪل ٺيڪ- سو جيڪڏهن، ڪوئي بہ، خوبروئن کي ريهي ريبي پنهنجو ڪرڻ بدران، اٿلندو انهن کي لفظن، بيتن ۽ گيتن سان ٻرِ ڪري، ڀڄائي ۽ چيڙائي وجهي تہ ان کي عقل جي ذُڪر کان سواءِ ٻيو ڇا سَڏجي؟ ائين نہ آهي؟“

”ائين ئي آهي.“

”پوءِ هپوٿيليس هينئر سوچ تہ تون اها شاعري ڪري ڪيڏي نہ غلطي ڪئي آهي. تون ان کي سٺو شاعر مڃيندين جيڪو پنهنجي شاعريءَ سان پاڻ کي ئي ڇيهو رسائي. مون کي تہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي-“

”واقعي بہ نہ“ هن چيو، ”اهو شاعر تہ بس هڪ احمق هوندو. سقراط، اهو ئي تہ سبب آهي جو مان اوهان سان صلاح مصلحت ڪرڻ چاهيندو آهيان. ۽ مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جيڪڏهن مون کي ڪو ٻيو مشورو بہ ڏئي وجهو. اوهان ٻڌائيندا تہ مان ڪهڙن لفظن سان يا طريقي سان پنهنجي پريتمءَ کي پيارو ٿي پوان؟“

”اهو ائين طيءِ ڪرڻ سولي ڳالهہ نہ آهي“ مون چيو، ”پر جيڪڏهن تون پنهنجي محبوب کي مون ڏانهن وٺي اچين ۽ مون کي هن سان ڪچهري ڪرڻ بہ ڏئين، تہ پوءِ مان، شايد، توکي اهو سمجهائي سگهان تہ توکي هن سان ڪيئن گفتگو ڪرڻ گهرجي. ۽ جيئن هي توکي الزام ٿا ڏين تہ تون ڳائين ٿو ۽ برزبان بيان ٿو ڪٿين، تہ پوءِ تون ان انداز ۽ طريقي کي تبديل ڪر.“

”هن کي آڻڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪونہ ٿيندي.“ هن وراڻيو. ”جيڪڏهن اوهان رڳو هينئن ڪيو جو ستيسيپر سان گڏجي اکاڙي ۾ وڃو ۽ اتي ويهي ڪچهري شروع ڪيو تہ مون کي يقين آهي تہ هو

پاٺمرادو اچي پهچندو. ڇوته سقراط هو ڳالهين ٻڌڻ جو شوقين آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هي هرمبا جي جشن جو موقعو آهي سو نوجوان ۽ نينگر الڳ ۽ ڌار ڌار ڪونهن، سڀ گڏ آهن، سو پڪ ٿي پڪ هو ايندو؛ پر جيڪڏهن نہ بہ اچي ٿو تہ هو سٽيسيپس جو بہ واقف آهي ۽ سندس مائٽ مينيڪسينس جو بہ سٺو دوست آهي، سو اهي ٻئي کيس سڏي وٺندا."

"ائين ٿي ٿيندو." مون چيو. ۽ پوءِ سٽيسپس کي ساڻ ڪٺي، مان آڪاڙي ڏي هلي پيس ۽ باقي همراه بہ اسان جي پويان لڳي پيا.

داخل ٿيڻ تي اسان ڏٺو تہ ڇوڪرا ان گهڙيءَ ٿي پيٽا ڏئي رهيا هئا ۽ ڏڻ واري ڏينهن جو اهو حصو پنهنجي پڄاڻي تي ٿي هيو. هو سڀ مخصوص سفيد لباس ۾ هئا ۽ ڍاري واريون رانديون ڪيڏجي رهيون هيون. ڪي ٻاهر اڱڻ تي وندر ڪيون ويٺا هئا تہ ڪي، ڪُنڊائتا ويهي، بيد جي ننڍڙين ڪارين مان ڪوڙ سارا ڇَڪا ڪڍي، چوپڙ کيڏي رهيا هئا. رؤنشي وارا گول ڪيون بيٺا هئا، جن ۾ لائسس بہ هيو. نوجوانن ۽ ڇوڪرن جي وچ ۾، هُو مٿي تي تاج پَهريون بيٺو هيو. بس هڪ خوبصورت خواب جيان هيو. جيترو سهڻو من مهڻو محبوب هيو، اوترو ئي مُحبتي ۽ مَحجُوب پڻي محسوس ٿيو. اسان هنن کان اڳتي وڌي، ڪمري جي پرئين پاسي ڏانهن وياسين، جتي هڪ پُرسڪون جاءِ ڏسندي هيٺ ويهجي وياسين ۽ ڪچهري، شروع ٿي، جنهن لائسس جو ڌيان ڇڪايو ٿي سَهي ۽ هو مسلسل مُڙندو ۽ اسان ڏانهن ڏسندو رهيو. ظاهر آهي، هن اسان ڏانهن اچڻ پئي چاهيو. ڪجهہ وقت لاءِ هو هٻڪيو ۽ اڪيلو اچڻ جي همت ساري نہ سگهيو. پهريائين سندس دوست مينيڪسينس، راند ڇڏيندي اڱڻ مان آڪاڙي ۾ داخل ٿيو، ۽ مونتي ۽ سٽيسيپس تي نظر پيس ۽ اچي اسان جي پاسي ۾ ويٺو. لائسس بہ کيس ڏسندي، سندس پويان آيو ۽ هن جي پرسان ويهي رهيو. ۽ ائين پوءِ ٻيا ڇوڪرا بہ گڏ ٿيندا ويا. مون ڏٺو تہ هپوٿيلس ميڙاڪي جي پويان ٿي بيٺو، شايد ائين ٿي سوچيو هوندائين تہ اتي هو لائسس جي

نظرن کان پري رهندو، متان هوئڻن کيس کاوڙائي وجهي. بهرحال هپوتيليس اتي ئي بيٺو ۽ ٻڌندو رهيو.

مون مينيڪسينس ڏانهن منهن ڪيو ۽ چيو: ”ڊيمو فون جا فرزند، اوهان ٻنهي نوجوانن مان وڏو ڪير آ؟“

”اهو ئي اسان وچ ۾ تڪراري مسئلو آهي“ هن وراڻيو.

”پلا اشراف ۽ اعليٰ ظرف وارو ڪير آهي. ڇا اهو به تڪراري معاملو آهي؟“

”هائو. يقيناً.“

”۽اهو به تڪرار آ ته سهڻو ڪير آ.“

ان تي ٻئي ڇوڪرا کلي ويٺا.

”مان ائين نه ٿو پڇان ته ٻنهي مان شاهوڪار ڪير آهي.“ مون چيو. ”ڇو ته توهان دوست آهيو. آهيو نه؟“

”يقيناً آهيون“ هنن وراڻيو.

”۽ دوستن جون سموريون شيون گڏيل هونديون آهن. سو جيڪڏهن اوهان به دلي طور ڇئو ٿا ته توهان دوست آهيو ته پوءِ توهان مان هڪڙو ٻئي کان شاهوڪار ٿي نه ٿو سگهي.“

هنن هائوڪار ڪئي. ان کان پوءِ مان اهو پڇڻ وارو ئي هيس ته ٻنهي مان وڌيڪ واجبي ۽ معقول ڪير ۽ وڌيڪ داناءُ ڪير آهي. پر ان گهڙيءَ ئي مينيڪسينس کي ڪوئي سڏڻ آيو ته هن کي جمناسٽڪ جي استاد سڏايو آهي. مون اندازو ڪيو ته هن کي پيٺا ڏيڻي هئي. سو هو هليو ويو ۽ مان لائسس کان ڪجهه وڌيڪ سوال پڇي ورتا. چيم ”لائسس، پلا ائين پڇڻ جي جرئت ڪجي ته تنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي توسان بيحد پيار آهي.“

”بلڪل به آهي“ هن چيو.

”۽ انهن جي خواهش هوندي ته تون صفا خوش رهين؟“

”هائو“

”پر تون سمجهين ٿو ته ڪوئي خوش رهي سگهندو جيڪڏهن هن

جو حال غلامن وارو هجي ۽ هو اهو ڪجهہ نہ ڪري، سگهي، جيڪو چاهيندو هجي؟"

"مان ائين ٿي تو سمجهان تہ هو واقعي خوش نہ هوندو." هن چيو.

"۽ جيڪڏهن تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ توسان پيار ڪن ٿا ۽ اها خواهش رکن ٿا تہ تون خوش رهين تہ پوءِ ڪوئي، اهو شڪ بہ نہ ڪندو تہ هو تنهنجي انهيءَ خوشيءَ کي وڌائڻ لاءِ بہ تيار آهن."

"يقيناً،" هن ورائيو.

"۽ پوءِ هو توکي اها اجازت بہ ڏيندا تہ جيڪو تون چاهين اهو ڪرين ۽ هو توکي پنهنجي مرضي سان ڪجهہ ڪرڻ کان ڪڏهن بہ روڪيندا يا ڇنڀيندا نہ آهن؟"

"ها سچ سقراط، اهڙيون تہ ڪوڙ ساريون شيون آهن جيڪي ڪرڻ کان هو مونکي روڪيندا آهن!"

"تُنهنجو مطلب ڇا آهي؟"، مون چيو "ڇا اهي توکي خوش ڏسڻ بہ چاهين ٿا ۽ پوءِ بہ وري جيئن تون چاهين، ائين ڪرڻ ۾ رنڊڪون بہ وجهن ٿا. مثال طور جيڪڏهن تون پنهنجي پيءُ جي ڪنهن رَٿ تي سوار ٿيڻ چاهين ۽ ڪنهن ڊوڙ ۾ واڳون جهلڻ چاهين تہ اهي توکي روڪيندا؟ --- ڇا واقعي اهي توکي، ائين ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندا؟---"

"يقيناً، هو مونکي، ائين ڪرڻ ڪونہ ڏيندا" هن چيو.

"پوءِ يلا ڪنهن کي اها اجازت ڏيندا؟"

"رَٿ سوا رکي ڏيندا، جنهن کي منهنجو بابو رٿ هلائڻ جي پگهار ڏيندو آهي"

"۽ هو هڪ پگهاردار تي توکان وڌيڪ ڀروسو ڪن ٿا؟ ۽ هن جي مَرضي آ تہ جيئن وڻيس تيئن گهوڙن کي هلائي ڪري. ۽ توهان جو والد بہ کيس ان جي ٿي پگهار ڏيندو آ؟"

"ها، ڏيندو آ."

”پلا ائين چئي سگهجي ٿو تہ تون چاهين تہ ايترو تہ ڪرين سگهين ٿو تہ لڪڻ کٽي خچر گاڏي ٿي هڪلي سگهين--- هو ان جي اجازت تہ ڏيندا؟“

”هو اها اجازت بہ نہ ڏيندا.،

”پوءِ خچر تي لڪڻ استعمال ڪرڻ وارو ڪير بہ ڪونهي؟“ مون چيو

”خچر سوار تہ آهي،“ هن چيو.

”۽ هو غلام آهي يا آزاد ماڻهو؟“

”هڪ لغام“ هن وراڻيو.

”۽ تون جيتوڻيڪ هنن جو پٽ آهين پر هو تو کان وڌيڪ هڪ غلام کي اهم سمجهي ان جو قدر ڪن ٿا. ڇا هو پنهنجي ملڪيت تنهنجي بدران هن جي حوالي ڪري ڪيس اها اجازت ڏين ٿا تہ جيئن وڻيس تيئن ڪري، جڏهن تہ توکي منع ڪن ٿا؟ هاڻي مون کي جواب ڏي: ڇا تون پاڻ پنهنجو مالڪ آهين: يا تنهنجا والدين ويندي اها اجازت بہ نہ ٿا ڏين؟“

”نہ، نہ، هو اها اجازت بہ نہ ٿا ڏين،“ هن چيو.

”تہ پوءِ ننهنجو بہ ڪو مالڪ آهي؟“

”هائو، منهنجو خانگي سنڀاليندڙ اهوئي آهي“

”۽ هو هڪ غلام آهي؟“

”پڪ ئي پڪ، هو پگهار تي رکيل اسان جو غلام ئي آهي“ هن جواب ڏنو.

”واقعي، اها تہ عجيب ڳالهہ تي تہ هڪ آزاد انسان مٿان هڪ غلام حڪمراني ڪري.“ مون چيو ”۽ هن جو توسان ڪهڙو تعلق آهي؟“

”هو مون کي منهنجي استادن ڏانهن وٺي ويندو ۽ موٽائيندو آهي.“

”پوءِ ائين چو نہ ٿو چوين تہ تنهنجا استاد پڻ تنهنجي مٿان

حڪمراني ڪن ٿا."

"بلڪل اهي به ڪن ٿا."

"پوءِ ته مونکي ائين چوڻ گهرجي ته تنهنجو پيءُ، تنهنجي مٿان ڪوڙ سارا حڪم هلائڻ وارا مالڪ مڙهي، توکي اهڙي سزا ڏيڻ ۾ مطمئن آهي. يلا جڏهن تون ماءُ وٽ گهر ۾ هجين ٿو ته اها ته هر صورت ۾ توکي پنهنجي دڳ تي هلڻ ڇڏيندي؛ ۽ تنهنجي خوشيءَ ۾ دخل نه ڏيندي هوندي. هن جي اُن، يا ڪپڙو جيڪو هوءَ ڪتي ٿي، سي تنهنجي هٿ وَس هوندا: مونکي پڪ آ ته توکي روڪ رنڊڪ ڪونه هوندي ته تون ڪاٺ واري ڦٽي کي، يا چرخي جي ٻئي ڪنهن به اوزار کي هٿ لائي سگهين."

هن ڪلندي وراڻيو، "نه سقراط، نه رڳو هوءَ مونکي روڪيندي آهي، پر جيڪڏهن مان انهن مان ڪنهن هڪ کي رڳو ڇُهيو، ته به مار ملندي."

"واه، اها ته واقعي عجيب ڳالهه ٿي،" مون چيو. "يلا تون ڪڏهن به پنهنجي پيءُ يا ماءُ سان بدسلوڪي ڪئي آهي؟"

"نه، بلڪل به نه" هن وراڻيو.

"پوءِ آخر ڇو هو توکي خوش رهڻ کان ۽ جيئن چاهين ٿو ائين ڪرڻ کان روڪي رکڻ لاءِ سخت بيتاب آهن؟- سڄو ڏينهن توکي ٻين جي هٿ هيٺ رکڻ، ۽ جيڪڏهن مان هڪ جملي ۾ چوان ته، توکي تنهنجي مرضي مطابق ڪنهن به ڪم جي اجازت نه ڏيڻ. سو لڳي ائين ٿو ته سندن هيڏي ساري مال ملڪيت منجهان توکي ته ڪوبه فائدو ڪونهي ۽ اهي ملڪيتون تنهنجي بدران ڪنهن ٻئي جي هٿ وس ۽ اختيار ۾ آهن. ۽ توکي پنهنجي خوبصورت هجڻ جو بہ ڪو فائدو ڪونهي، جو تنهنجي ان حيثيت جو به سارسنڀال ۽ ٽهل ٽڪور ڪرڻ وارو ڪو ٻيو ئي آهي؛ لائسس تون ته ڪنهن به شيءَ جو، ڪجهه جو به، مالڪ نه آهين، ۽ ڪجهه به ڪونه ٿو ڪري سگهين."

"سقراط، پوءِ اهو ته ان ڪري آهي نه جو مان اڃا ايڏو وڏو نه ٿيو

آهيان" هن چيو.

"مان شڪ ٿو ڪيان تہ ڇا اهوئي صحيح سبب آهي" مون چيو؛ "ڇو تہ مان تہ سمجهان ٿو تہ تنهنجو پيءُ دمقراط ۽ تنهنجي ماءُ اڳ ۾ ئي توکي ڪيترين شين جي اجازت تہ بلڪل ڏين ٿا ۽ تنهنجي بالغ ٿيڻ تائين انتظار ڪونہ ڪن: مثال طور، هنن کي جيڪڏهن ڪا شيءِ لکائڻي يا پڙهائڻي آهي تہ، منهنجي خيال ۾ تون ئي پهريون شخص هوندين جنهن کي هو سڏائيندا."

"بلڪل صحيح"

"۽ جنهن ترتيب سان تون چاهين، توکي خط لکڻ يا پڙهڻ جي اجازت هوندي، يا سُرندي جا سُر ۽ آلاپ ناهڻ جي ۽ ان کي آڱرين سان وڄائڻ جي، يا مُضراب سان ڇيڙڻ جي، بهرحال جيئن بہ تون چاهين، توکي اها اجازت بہ بلڪل ملي ويندي ۽ تنهنجو پيءُ ماءُ ان ۾ مداخلت نہ ڪندا."

"اهو تہ بلڪل صحيح آهي" هن چيو.

"لائسس، پوءِ آخر ڇا سبب آ، ڪهڙي ڳالهہ آ جو هو توکي هڪڙي ڪم ڪرڻ جي اجازت تہ ڏين ٿا، پر ٻئي جي نہ؟" مون چيو.

"ڇو تہ منهنجي خيال ۾، مان هڪ شيءَ جي ڄاڻ رکان ٿو ۽ ٻي جي نہ" هن ورائيو.

"هائو، منهنجا پيارا نوجوان، سبب سالن جي ڳڻپ ڪوٺ جو ناهي، پر ڄاڻ جي ڪوٺ جو آهي" مون چيو. "۽ جڏهن بہ تنهنجي پيءُ کي پڪ ٿي وئي تہ تون هن ڪان هوشيار ٿي ويو آهين تہ هو هڪدم پاڻ ۽ پنهنجي ملڪيت پڻ، تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيندو."

"مان بہ ائين ئي ٿو سمجهان."

"ها، ها،" مون چيو، "۽ ڇا تنهنجو پاڙيسري بہ ساڳي طرح تنهنجي پيءُ وانگي نہ سوچيندو؟ جيڪڏهن اهو بہ مطمئن ٿي وڃي ٿو تہ گهر جي نظرداري ۾ تون هن ڪان وڌيڪ ڄاڻ رکين ٿو تہ ڇا هو ڪمن ڪارن جو انتظام پاڻ هلائيندو يا اهي تنهنجي حوالي ڪندو؟"

”منهنجي خيال ۾ هو اهي منهنجي حوالي ڪندو.“

”چا اٿينس جا ماڻهو پڻ، پنهنجا معاملا توکي نہ سونپيندا جڏهن اهي ڏسندا تہ توکي انهن جا معاملا نبيرڻ ۽ شهر جو انتظاميا هلائڻ لاءِ گهربل ڏاهپ اچي وئي آهي؟“

”۽ ها، توکي هڪ ٻيو مثال بہ ڏيان“ مون چيو ”هڪ وڏو بادشاهہ آهي، جنهن کي وڏو پٽ آ جيڪو ايشيا جو شهزادو آهي؛ - فرض ڪر تہ تون ۽ مان بادشاہ وٽ هلي نڪرون ٿا ۽ هن کي ان تي مطمئن ڪيون ٿا تہ اسان سندس پٽ کان بهتر بورچي آهيون. ڇا هاڻي هو ٻوڙ ناهڻ جو خاص اختيار اسان کي ئي نہ سونپي ڇڏيندو ۽ جنهن مهل ڪُنو رَڌجهندو هجي تہ، اسان تہ جيڪو چاهيون ان ۾ وجهي سگهون ٿا پر اهو ايشيا جو شهزادو، نہ وجهي سگهندو، جيڪو سندس پٽ آهي؟“

”ظاهر آهي اهي اختيار اسان کي ئي ملندا.“

”۽ اسان کي ايتري بہ اجازت هوندي تہ ان پاڃي ۾ لوڻ جون لپُون پري وجهون، جڏهن تہ ان پٽ کي ايترو لوڻ وجهڻ جي بہ موڪل نہ ملندي جيترو چَپٽي ۾ کڻي سگهجي.“

”بلڪل“

”يا فرض ڪر تہ پُٽنهس جون اکيون خراب آهن تہ هو ڪيس پنهنجون اکيون ڇهڻ جي بہ اجازت ڏيندو يا نہ ڏيندو، جيڪڏهن هو سمجهي ٿو هن کي طب بابت ڪابہ ڄاڻ ڪونهي؟“

”هو هن کي اجازت نہ ڏيندو.“

”جڏهن تہ جيڪڏهن هو اهو سمجهي ويهي تہ اسان کي طب جي ڄاڻ آهي تہ اسان هن سان جيڪو چاهيون اهو ڪرڻ جي اجازت ڏيندو - ويندي جو اکين کي پٽي کولي انهن ۾ خاڪ ٻُرڪيون؛ ڇو تہ هو اهو فرض ڪري ونندو تہ اسان ئي اهو ڄاڻون ٿا تہ بهتر ڇا آهي؟“

”اهو تہ صحيح آ.“

”۽ هر اهائي شيءِ جنهن ۾ اسان کانئس يا پُٽنهس کان وڌيڪ ڏاها ڏسڻ ۾ اچون ته هو اها اسان جي حوالي ڪري ڇڏيندو؟“

”سقراط اهو ته بلڪل صحيح آهي“ هن وراڻيو.

تنهن تي مون چيو، ”پوءِ منهنجا پيارا لائسس، تون ڏسين ٿو ته اهي شيون جن بابت اسين ڄاڻ رکون ٿا، انهن لاءِ هرهڪ - خالص يوناني يا غير يوناني، مرد توڙي عورتون - سڀ اسان تي اعتبار ڪندا ۽ اسان انهن بابت جيئن چاهيون تيئن ڪري سگهون ٿا ۽ ڪير به اسان جي وچ ۾ ٽپي نه پوندو. اسان آزاد هونداسين ۽ ٻين جا مالڪ؛ ۽ اهي شيون سچ پچ اسان جون هونديون، ڇو ته اسان ٿي انهن مان فائدو وٺنداسين. پر انهن معاملن ۾، جن جي ڄاڻ اسان کي ڪونهي، انهن بابت جيئن اسان کي بهتر لڳي ائين ڪرڻ ۾ ڪير به اسان تي ويساهه ڪونه ڪندو - ۽ هنن کان جيترو پڳو، اوترو اسان کي رنڊڪون ڏيندا. ۽ نه رڳو ڌاريا، پر پيءُ، ماءُ ۽ دوست ۽ اجا به ڪو وڌيڪ پيارو رشتو، پڻ اسان کي روڪي رکندو، ۽ اسان ٻين جي وس هونداسين؛ ۽ اهي شيون اسان جون نه هونديون ڇو ته اسان کي انهن مان ڪو فائدو نه ٿيندو. ڇا تو متفق آهين؟“

هن هائوڪار ڪئي.

”۽ ڇا اسان ٻين جا دوست ٿي سگهنداسين ۽ ڇا ٻيا اسان سان پيار ڪندا، جيڪڏهن اسان انهن لاءِ بيڪار آهيون؟“

”يقيناً نه.“

”نه ئي تنهنجو پيءُ يا ماءُ توسان پيار ڪندا، نه ئي ڪوئي ماڻهو ڪنهن به ٻئي ماڻهو سان پيار ڪندو، جيستائين اهي، انهن لاءِ بيڪار آهن.“

”صحيح آ.“

”۽ ان ڪري ئي منهنجا نينگر، جيڪڏهن تون داناءُ آهين ته سڀ ماڻهو تنهنجا دوست ۽ مائٽ هوندا، ڇو ته تون ڪم جو ۽ سٺو هوندين؛ پر جيڪڏهن تون ڏاهو نه آهين ته نه پيءُ، نه ماءُ، نه مٽ

مائٽ، نہ ئي ڪو ٻيو تنهنجو دوست ٻڻبو. ۽ ڀلا جن معاملن جي توکي اچا سوڌو ڄاڻ ڪونهي. پوءِ بہ ان ايمان ۾ هوندين تہ توکي انهن جي بہ ڄاڻ آهي؟"

"ائين نہ آهي، نہ هوندس." هن وراڻيو.

"۽ لائسس، جيڪڏهن توکي هڪ استاد گهرجي تو تہ ان جي معنيٰ تہ تون اڃا ڏاهپ حاصل ڪونہ ڪئي آهي."

"صحيح."

"۽ تنهنڪري تون خودپسندي ۽ ان ايمان ۾ نہ آهين، جو تہ اهڙي ڪابہ شيءِ ڪونہ اٿئي، جنهنڪري هَٺُ هُجئي؟"

"سقراط، مان بہ بلڪل ائين ٿو سمجهان."

جڏهن مان هن جي واتان اهي اکر ٻڌا تہ مان هڪدم هپوٿيليس ڏانهن مُڙيس ۽ هڪ وڏي غلطي ڪرڻ وارو هيس، جو تہ مان هن کي چوڻ وارو هيس تہ: "اهوئي طريقو آهپوٿيلپس، جنهن سان توکي پنهنجي محبوب سان ڳالهائڻ گهرجي؛ هن کي هيڻاهون ڪندي ۽ هَٺُ ڀڃندي؛ ۽ ائين نہ جيئن تون ڪرين ٿو، جو هن کي پَڏائي مٿي تي کڻي، پوءِ ڪاري چڙهين ٿو." پر مون ڏٺو تہ جيڪا ڪجهہ گفتگو ٿي هئي، تنهن تي هوبہ ڏاڍو بيتاب ۽ مونجهاري ۾ هيو. ۽ مون کي ياد آيو تہ جيتوڻيڪ هو ڀَر ۾ ئي هيو، پر هن لائسس جي نظر کان بچڻ پئي چاهيو. سو ان سوچ ويچار اچڻ ڪري، مان پاڻ جهلي ورتو.

ان وچ ۾، مينيڪسينس بہ موٽي آيو ۽ لائسس جي پرسان پنهنجي جاءِ تي اچي ويهي رهيو. لائسس ٻاراڻي محبت واري انداز ۾، پنهنجي مُنهن تي، منهنجي ڪن ۾ سرگوشي ڪئي تہ جيئن مينيڪسينس نہ ٻڌي: "سقراط، مينيڪسينس کي بہ اها سڄي ڳالهہ ٻڌايو نہ جيڪا مونکي ٻڌائي اٿو."

"لائيسس، تون پاڻئي کڻي کيس ٻڌاءِ. جو تہ مونکي پڪ آ تہ تون ڌيان سان پئي ٻُڌو آهي." مون وراڻيو.

"ضرور" هن چيو.

”پوءِ انهن لفظن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪر ۽ ورجائي ٻڌائڻ ۾ جيترو درست تي سگهين، تجانءِ ۽ جيڪڏهن ڪجهه وساري ويهين تہ جڏهن مونسان ملڻ ٿيئي تہ ٻيهر پڇي ونجان.“

”سقراط، مان ضرور ائين ئي ڪندس؛ پر هن کي ڪا نئين ڳالهہ ٻڌائڻ شروع ڪيو ۽ مونکي بہ ٻڌڻ ڏيو، جيتري تائين مونکي هتي ترسڻ جي اجازت آهي.“

”مان بلڪل بہ انڪار نہ تو ڪري سگهان چو تہ تو چيو آ.“ مون چيو ”پر پوءِ، جيئن توکي خبر آهي تہ مينيڪينس ڏاڍو جهيڙيڪار آ، سو جيڪڏهن هو مونسان جهيڙي جي ڪري، تہ ڇڏائڻ ضرور اچجان.“

”ها، هو واقعي ڏاڍو ڏنگو آ.“ هن چيو ”۽ ان ڪري ئي تہ مان چوان ٿو تہ توهان هن سان بحث ڪريو.“

”ان جي معنيٰ مان پنهنجو پاڻ بيوقوف بڻجان؟“

”نہ،نہ، اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، پر مان رڳو اهو ٿو چاهيان تہ توهان هن کي زير ڪيو.“

”اهو ايڏو سولو معاملو ناهي“ مون وراڻيو ”چو تہ هو بہ چڱو ڀلو آ ... نيٺ تہ سٽيسيپس جو شاگرد آهي. ۽ سيٽيسيپس خود بہ هتي موجود آ: هن کي ڏسين نہ ٿو؟“

”ڪا ڳالهہ ئي ڪانهي، سقراط؛ اوهان هن سان بحث ڪري ئي وٺندؤ.“

”ٺيڪ آ- منهنجو خيال آ مون کي هينئر ڪرڻ ئي گهرجي.“ مون وراڻيو.

ان گهڙيءَ ئي سٽيسيپس بہ شڪايت ڪئي تہ اسان ڳجهہ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين ۽ مجلس پاڻ تائين محدود رکي ويٺا هئاسين.

مون چيو، ”مان تہ خوش ٿيندس تہ اوهان بہ شريڪ هجو. پر هي لائسس آ جنهن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي جيڪا مان چئي رهيو هيس ۽ هي چوي ٿو تہ اها ڳالهہ مان مينيڪسينس کان پڇان، چو تہ

هي سمجهي ٿو تہ ڪيس ان ڳالهہ جي خبر آ.“

”پوءِ اوهان، هُن ڪان پڇي چونہ ٿا وٺو؟“ هن چيو.

”تمام سٺو، مان بلڪل پڇندس“ مون چيو. ”۽ مينيڪسينس تون جواب ڏيندو وڃجان. پر پهريائين مان توکي اهو ٻڌايان ٿي سهي تہ آءُ هڪ اهڙو شخص آهيان، جيڪو ننڍپڻ کان وٺي هڪڙي ئي شيءَ جو سَڌڙيو رهيو آهيان. سيني ماڻهن جا پنهنجا پنهنجا شوق ٿيندا آهن: هڪڙن کي گهوڙن جي گهرج هوندي آهي ۽ ٻين کي ڪتن جي؛ ڪي شوقين سون جا تہ ڪي شان شوڪت جا؛ جڏهن تہ مونکي انهن شين جي ڪابہ شديد خواهش آهي ئي ڪونہ. پر مونکي دوستن رکڻ/ ناهڻ جو چاهہ آهي. مان ائين چاهيندس تہ دنيا جي بهترين ڪُڪڙ يا ٻٽيري بدران، مونکي هڪ سٺو دوست هجي: مان تہ اجان بہ اڳتي وڌي ائين چوان تہ مونکي بس هڪ دوست کپي ڪنهن بهترين گهوڙي يا ڪتي جي بدران. سچ پچ، مونکي مصر جي ڪتي جو قسم، مان شهنشاه دارا جي سموري سون يا ويندي خود دارا کان بہ گهٽو وڌيڪ هڪ سچي دوست کي ترجيح ڏيندس: مان دوستن جو ايتري حد تائين، اهڙو ئي چاهيندڙ آهيان. ۽ جڏهن مان، توکي ۽ لائسس کي، توهان جي ننڍڙيءَ عمر ۾ ئي، ايترو آسانيءَ سان انهيءَ خزاني جو مالڪ هوندي ڏسان ٿو ۽ ايترو جلدي ۾ تون هنجو ۽ هو تنهنجو ٿي ويو آ تہ مان حيران بہ ٿيان ٿو ۽ خوش بہ. اهو ڏسندي تہ مان خود جيتوڻيڪ ٿي پيرسن ڇڪو آهيان، پر اهڙي حاصلات کان ايڏو تہ ڏور ڏور رهيو آهيان جو مان تہ ويندي اهو بہ نہ ٿو ڄاڻان تہ هڪ دوست حاصل ڪيئن ڪبو آهي. مان اوهان کان انهيءَ باري ۾ هڪ سوال پڇڻ گهران ٿو ڇو تہ اوهان کي تجربو آهي. مون کي ٻڌايو تہ جڏهن، هڪڙو ٻئي سان پيار ڪري ٿو تہ دوست ڪير هوندو آهي، عاشق يا معشوق: يا ٻن مان ڪوبہ هڪڙو دوست ٿي سگهي ٿو.“

”منهنجي خيال ۾ ٻنهي مان ڪوبہ ٻئي جو دوست ٿي سگهي ٿو.“

”تنهنجو مطلب آ تہ جيڪڏهن انهن مان رڳو هڪڙو بہ ٻئي سان پيار ڪري ٿو تہ اهي ٻئي هڪٻئي جا دوست ٿي ويا؟“ مون پڇيو.

”هائو، اهوئي منهنجو مطلب آهي.“ هن چيو.

”پر جيڪڏهن پيار ڪندڙ کي موٽ ۾ پيار نہ ڪيو وڃي تہ پوءِ؟ ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو؟“

”هائو“

”يا، شايد، وينـدي سائـس نفرت ڪئي وڃي؟ جيـڪـو گمان پنهنجي محبوب جي حوالي سان، ڪڏهن ڪڏهن عاشقن جي ذهن ۾ ايندو آهي. ڪابہ شيءَ هنن جي عشق کان وڌيڪ نہ هوندي آهي پر پوءِ بہ اهي تصور ڪندا آهن تہ يا تہ انهن سان موٽ ۾ پيار نہ ٿو ڪيو وڃي يا اهو تہ سائن نفرت ڪئي ٿي وڃي. اهو سچ نہ آهي؟“

”ها، بلڪل سچ،“ هن چيو.

”انهيءَ صورت ۾ هڪڙو پيار ڪري ٿو ۽ ٻئي سان پيار ڪيو وڃي ٿو؟“

”هائو“

”پوءِ ڪير ڪنهنجو دوست ٿيو؟ چا عاشق، معشوق جو دوست ٿيو، پوءِ ڀلي موٽ ۾ کيس پيار ملي يا نفرت ملي، يا وري، معشوق دوست ٿيو، يا ٻنهي طرفن تي دوستي بلڪل آهي ئي ڪونہ، جيستائين اهي ٻئي هڪٻئي سان پيار نہ ٿا ڪن؟“

”لڳي ٿو تہ اتي تيستائين دوستي بلڪل نہ هوندي آهي جيستائين ٻئي هڪٻئي سان پيار نہ ڪن.“

”تہ پوءِ هي خيال تہ اسان جي پهرين راءِ سان ٺهڪندڙ نہ آهي.اڳ اسان ائين چئي رهيا هئاسين تہ ٻئي دوست هئا جيڪڏهن رڳو هڪڙي بہ پيار ڪيو، پر هن راءِ مطابق تہ جيستائين اهي ٻئي هڪٻئي سان پيار نہ ڪن، تيستائين ڪو بہ ٻئي جو دوست نہ آهي.“

”اهوئي صحيح لڳي ٿو.“

”تہ پوءِ ڪابہ شئيءِ جيڪا موٽ ۾ پيار نہ ٿي ڪري، اها عاشق

جي معشوق نہ هوندي آهي."

"منهنجي خيال ۾ نہ"

"پوءِ اُهي گهوڙن جا عاشق نہ هوندا آهن، جن کي موت ۾ گهوڙا پيار نہ ڪندا آهن، نہ پٽيرن جا عاشق، نہ ڪتن جا، نہ شراب جا، نہ جمناسٽڪ جي ورزشن جا، جن وٽ موت جو پيارنہ هوندو آهي. نہ ئي ڏاهپ جا، جيستائين،ڏاهپ بہ موٽ ۾ ساڻن پيار ڪري. يا اسان کي ائين چوڻ گهرجي تہ اهي بلڪل انهن سان پيار ڪن ٿا، جيتوڻيڪ ڪين موٽ ۾ پيار نہ ٿو ڪيو وڃي، ۽ اهو شاعرغلط هيو جنهن هيئئن چيو تہ:----

سکي آهي اهو انسان، جنهن کي پنهنجا ٻار آهن پيارا،

۽ تکا جنگي گهوڙا، سهڻن سنبن وارا،

۽ ڪتا شڪار ڪرڻ وارا،

۽ ٻئي ديس جو اجنبي-------

" مان نہ ٿو سمجهان تہ هو ڪو غلط هيو."

"تون سمجهين ٿو تہ هو درست آهي"

" هائو"

"پوءِ مينيڪينس، نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو معشوق هوندو آهي اهو پيار ڪندڙ هجي يا نفرت ڪندڙ، پر پنهنجي عاشق کي پيارو ٿي سگهي ٿو. مثال طور، اهي بلڪل ننڍڙا ٻار، جن جي پيار ڪرڻ جي اجا عمر ئي نہ ٿي آهي، جيڪي پيءَ ماءَ کان مار ملڻ تي انهن کان ڪاوڙجي نفرت ڪندا آهن، پر اهي رسڻ مهل بہ، پيءَ ماءَ کي اجا وڌيڪ پيارا ٿي پوندا آهن.

"منهنجي خيال ۾ توهان جيڪو چئو پيا سو صحيح آهي."

" ۽ جيڪڏهن ائين تہ پوءِ عاشق نہ، پر معشوق دوست يا پيارو هوندو آهي."

"ها"

"۽ نفرت ڪندڙ نہ پر جنهن سان نفرت ڪئي وڃي سو دشمن

هوندو آهي."

"ظاهراً"

" وري ڪيترن ئي شخصن سان سندن دشمن پيار ڪندا آهن ۽پنهنجا دوست نفرت ڪندا آهن، ۽ هو پنهنجن دشمن جا دوست هوندا آهن ۽ پنهنجي دوستن جا دشمن ۽ ان هوندي بہ منهنجا پيارا دوست، انسان جو اهو متضاد روپ آهي جيڪو ڪيڏو نہ نامناسب ۽ ناممڪن ٿي لڳي ٿو تہ، هو پنهنجي دوست جو دشمن ٿئي ٿو يا پنهنجي دشمن جو دوست."

"سقراط، تون جيڪو ڪجھ چوين پيو، مان ان سان بلڪل متفق آهيان."

"پر جيڪڏهن اهو ائين نہ هجي تہ پوءِ وري پيار ڪندڙ ان جو دوست ٿي هوندو جنهن سان پيار ڪري ٿو"

"صحيح"

۽ نفرت ڪندڙ ان جو دشمن هوندو جنهن سان نفرت ڪري ٿو؟"

"يقينا"

"تنهن هوندي بہ اسان کي هتي اهو مڃڻ گھرجي، جيئن اڳيئن مثال ۾ قبوليوسي تہ ڪو ماڻهو ڪنهن اهڙي شخص جو دوست ٿي سگھي ٿو جيڪو پلي سندس دوست نہ هجي يا جيڪو هن جو دشمن هجي، جنهن مهل هو شخص ان سان پيار ڪري ٿو جيڪوساڻس پيار نہ ٿو ڪري يا ويندي ڪانئس نفرت ٿو ڪري، ۽ هو ڪنهن اهڙي شخص جو دشمن ٿي سگھي ٿو، جيڪو پلي هن جو دشمن نہ هجي ۽ ويندي سندس دوست هجي؛ مثال طور هو ان سان نفرت ڪرڻ لڳي، جيڪو هن کان نفرت نہ ڪندو هجي يا ويندي هن سان پيار بہ ڪري."

"اهو صحيح ٿو لڳي"

"پر جيڪڏهن عاشق بہ دوست نہ آهي،نہ ئي معشوق دوست، نہ ئي ٻئي گڏيل طور،تہ پوءِ اسان کي آخر چوڻ ڇا گھرجي؟اسان ڪنهن

ڪي هڪبئي جا دوست سڏيون؟ ڇا اجا ڪوئي رهجي به تو؟"

"سقراط، سچ پچ ته مونکي ڪو نظر نه تو اچي."

"پر مينيڪينس" مان چيو "ڇاهينئن ته نه آهي ته اسان پنهنجا هن مهل تائين ڪڍيل نتيجا، سڀ جو سڀ غلط ٿي ڪڍي ويا آهيون؟"

"سقراط، مونکي پڪ آ ته اسان غلطي ڪئي ٿي آهي " لائسس چيو ۽ هن جئين ڳالهايو تيئن شرمائيندو ويو. لفظ سندس چپن مان ڄڻ بي اختيار نڪري آيا. ڇو ته هن جو سچو ذهن، بحث کي قبولي ٿي چڪو هو. جڏهن هو ڳالهيون ٻڌي رهيو هو ته هن جي ڏيان واري ڇهري، سمجهڻ ۾ ڪا غلطي ڪو نه ڪئي هئي.

مان لائسس جي ڏيڪاريل چاهه تي خوش ٿيس ۽ مينيڪسينس کي به ساهي ڏيڻ پئي گهريم، سو مان هن ڏانهن مڙيس ۽ چيم، "مان سمجهان تو، لائسس، ته تون جيڪو چوين پيو اهو سچ آهي، ڇو ته جيڪڏهن اسان درست هياسين ته پوءِ پاڻ هرگز ايترو غلط نه وڃي نڪرون ها. خير هاڻي اسانکي ان رستي سان وڌيڪ وڌڻ نه گهرجي ڇو ته دڳ گڙ ٻڙ وارو ٿيندو وڃي تو، پر ٻي وات وٺڻ گهرجي جنهن ڏي اسان لڙيا هئاسين ۽ اهو ڏسون ته شاعر ڇا تا چون، ڇو ته اهي ڄڻ اسان لاءِ ڏاهپ جا سرچشما ۽ ابا آهن ۽ هو دوستن بابت ڪا هلڪڙيءَ تچ راءِ نه تا رکن، پر هنن جي چواڻي ته، خدا خود ڪين (دوستن کي) ناهي تو ۽ هڪبئي ڏانهن ڇڪي آڻي تو ۽ جيڪڏهن مان غلط نه آهيان ته هو ڪجهه هينئن ٿي چون تا:

خدا هڪجهڙن کي هڪجهڙن ڏانهن،
هميشه ڇڪيندو رهي تو
۽ ڪين هڪبئي کان
واقف ڪرائي تو

ممون کي پڪ آ تون به اهي لفظ ٻڌاهوندا."

"هائومون ٻڌا آهن" هن چيو.

"يلا توکي فلسفين جا اهي مضمون نظرنه آيا آهن جن ۾ لکيل آ ته

هڪجهڙن کي، هڪجهڙي سان ٿي پيار هجڻ گهرجي، اهي فلسفي، قدرت ۽ ڪائنات بابت بحث ڪندا ۽ ليک لکندا آهن."

"هائو." هن وراڻيو.

"ڇا هو ائين چوڻ ۾ درست آهن؟"

"هو ٿي سگهن ٿا."

"شايد اڌ ٿي سگهن ٿا" مون چيو. "يا ممڪن آ سمورا درست هجن، جيڪڏهن اسان سندن مطلب صحيح نموني سمجهي ورتو آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ بُري ماڻهو جو ٻي بُري ماڻهو سان جيئن وهنوار وڌندو ۽ ان سان لاڳاپي ۾ جيئن وڌيڪ ويجهو ايندو، ته اوترو وڌيڪ ان کان نفرت ڪرڻ لڳندو، ڇو ته اهو هن کي نقصان رسائي ٿو؛ ۽ نقصان پهچائيندڙ ۽ نقصان پهتل دوست نه ٿا ٿي سگهن. ڇا اهو سچ نه آهي؟"

"هائو" هن چيو.

"ته پوءِ ان چوٽي جو هڪڙو اڌ غلط آهي، جيڪڏهن بُرا هڪٻئي جهڙا آهن."

"صحيح"

"پر چوٽي جي حقيقي معنيٰ، جيئن مان سمجهان ٿو، اها آهي، ته سٺا هڪٻئي جهڙا هوندا آهن ۽ هڪٻئي جا دوست هوندا آهن ۽ بُرا جيئن اڪثر انهن بابت چيو ويندو آهي، هڪٻئي سان يا پنهنجو پاڻ سان هرگز اتفاق ۽ ايڪتا ۾ نه هوندا آهن، ڇو ته اهي تکي طبيعت جا ۽ ابهرا هوندا آهن. ۽ ڪا به شيءِ جيڪا پنهنجو پاڻ سان دشمني ۽ اڻبڻت ۾ آهي، ساڳي ڪنهن به شيءِ سان ايڪي، ميلاپ ۽ ناهه ۾ نه ٿي سگهي ٿي. ڇا تون متفق نه آهين؟"

"هائو، آءُ آهيان"

"منهنجا دوست، پوءِ اهي جيڪي چون ٿا ته هڪ جهڙا، هڪجهڙن جا دوست هوندا آهن، سي اهوئي اشارو ڏين ٿا، جيڪڏهن مان انهن کي درست سمجهيو آهي - ته رڳو سٺو ٿي سٺي جو دوست هوندو آهي، ۽ هوندو به رڳو ان جوئي آهي. پر بُرو ڪڏهن به، پوءِ سٺي

سان يا بُري سان، پر سچي دوستي تائين پهچندو ٿي نہ آهي. ڇا تون متفق نہ آهين؟"

هن ڪنڌ ڏوڻي قبوليو.

"سو هاڻي ٿي وڃي اسان کي اها خبر پئي ته ان سوال جو جواب ڪيئن ڏجي تہ 'دوست ڪير هوندا آهن؟' ڇو تہ دليلن اهو ٻڌايو تہ 'سُٺا، هڪٻئي جا دوست هوندا آهن' "

"ها، ائين صحيح آ" هن چيو.

"ٺيڪ آ، پر تنهن هوندي بہ مان ان جواب مان پورو مطمئن نہ آهيان" مون وراڻيو "قَسم سان اِها ڳالهہ آهي ۽ ڀلا توکي ٻڌايان تہ مان ڇا ۾ تو شڪجان؟ ٻُڌو ڀلا. اهو قبول ڪندين تہ هڪجهڙو، جيئن ۽ جيترو اهو هڪجهڙو آهي، هڪ جهڙي جوئي دوست آهي ۽ ان لاءِ فائديمند بہ .... ڀلا مونکي معاملي کي ٻئي طريقي سان رکڻ ڏي: ڇا هڪ جهڙو، هڪ جهڙي سان ڪا چڱائي يا لڱائي ڪري سگهي ٿو، جيڪا جيڪر هو پاڻ سان نہ ڪري، يا پاڻ جهڙي کان ڪي پيڙا پوڳي،جيڪا پنهنجو پاڻ کان نہ پوڳي ۽ جيڪڏهن ٻنهي مان ڪوبہ ٻئي جي ڪم جو نہ هجي تہ پوءِ انهن جو هڪٻئي سان پيار ڪيئن هوندو؟ ڇا هِن صورت ۾ هينئر اهي پيار ڪري سگهندا؟"

"اهي نہ ٿا ڪري سگهن"

"۽ ڇا اهو جنهن سان پيار نہ ٿو ڪجي، سو دوست ٿي سگهي ٿو؟"

"يقيناً نہ"

" پر هتي ائين چئجي تہ هڪجهڙو، هڪجهڙي جو دوست نہ ٿي سَهي، ڇو تہ اهو هڪجهڙو آهي؛ پر پوءِ بہ سنو، سني جو دوست ٿي سگهي ٿو، توڙي جو اهو سنو آهي؟"

"صحيح"

" پر وري هيءَ ڳالهہ تہ سُنو، جيتريقدر اُهو سنو آهي، تہ ڇا پنهنجو پاڻ لاءِ ڪافي ٿي نہ هوندو؟ يقينا هو هوندو. ۽ اهو جيڪو

ڪافي آهي تنهن ڪي ڪنهن بہ ٻي شيءِ جي گهرج نہ هوندي آهي... لفظ، ’ڪافي‘ جو مطلب، اهوئي تہ آهي.“

”بلڪل ان ڪي ٻي طلب نہ هوندي آهي“

”۽ اهو جنهن ڪي ڪنهن شيءِ جي گهرج جو نہ هوندي تہ اهو ڪنهن شيءِ جي خواهش بہ نہ رکندو؟“

”هو نہ رکندو“

”۽ جنهن جي خواهش ئي هن ڪي ناهي تہ هو ان سان پيار بہ نہ ڪندو؟“

”هو نہ ڪندو“

”۽ اهو جيڪو پيار نہ ٿو ڪري، سو پيار ڪندڙ يا دوست بہ نہ هوندو؟“

”ظاهر آ نہ هوندو“

”پوءِ دوستي آخر ڪهڙي شيءَ جا نانءُ ٿيو چو تہ جيڪڏهن اها موجود ناهي تہ سٺن ماڻهن ڪي هڪٻئي جي ضرورت ئي ناهي - ڇو تہ جڏهن هو رڳو پاڻ موجود آهن، تڏهن بہ پنهنجو پاڻ لاءِ ڪافي آهن - ۽ جڏهن اها موجود آهي تہ هو هڪٻئي لاءِ ڪارائتا ئي ڪونهن؟ سو اهڙن شخصن کي آخر ڪيئن هڪٻئي جو قدر ڪرڻ لاءِ قائل ۽ مائل ڪري سگهجي؟“

”انهن کي نہ ٿو ڪري سگهجي“

”۽ دوست وري اهي ٿي ئي نہ ٿا سگهن، جيستائين اهي هڪٻئي جو قدر نہ ٿا ڪن؟“

”بلڪل سچ“

” پرلائسس، ڏسجان تہ هاڻي بہ اسان ان سڄي بحث ۾ ڏوڪو تہ نہ کائي رهيا آهيون ...... ڇا واقعي اسان وري بہ سمورا جو سمورا غلطي تہ نہ ڪري ويا آهيون؟“

”اهو وري ڪيئن؟“ هن پڇيو.

”مونکي هينئر هينئر ياد ٿو اچي تہ مان ڪنهن کي ائين چوندي

ٻڌو آ تہ هڪجهڙو هڪجهڙي جو وڏي ۾ وڏو دشمن ٿيندو آ؛ ۽ سئو سئي جو؟ .... ۽ ان همراه هيسائڊ جي مستند راءِ جو حوالو ڏنو، جيڪو چئي ٿو:

ڪُنيار، ڪندو آ تڪرار، ڪنيار سان،
پَٽُ، پٽ سان،
فقير، فقير سان.

” ۽ باقي سيني معاملن جي باري ۾ بہ هن ساڳي ئي انداز سان اها دعويٰ ڪندي چيو تہ، ’اهو لازمي ئي آهي تہ وڌيڪ هڪجهڙا، هڪبئي سان وڌيڪ ساڙ، جهيڙي ۽ نفرت سان ڀريل هوندا آهن ۽ وڌيڪ مختلف ۾ وري دوستي هوندي آهي. ڇو تہ غريب ماڻهو، پئسي واري سان دوستي رکڻ تي مجبور هوندو آهي؛ ڪمزور ڪي سگهاري جي مدد جي گهرج هوندي آهي؛ بيمار ڪي طبيب جي؛ ۽ هر اهو جيڪو جاهل آهي، ڪنهن اهڙي سان ئي پيار ڪرڻ ۽ ڪانئس حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، جيڪو ڄاڻ رکي ٿو، ۽ سچ پچ تہ هو جادو ڪري ڇڏيندڙ جملن ۾ چوندو ويو تہ ’هڪجهڙن جي وچ ۾ دوستي جي هجڻ واري ڳالهہ، سچ نہ، پر سچ جي بلڪل ئي ابتڙ آهي. ۽ اهو تہ وڌيڪ ابتڙ/متضاد، وڌيڪ دوست هوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هر شيءَ هڪجهڙي جي نہ، پر جيڪو وڌيڪ مختلف آهي، ان جي طلب رکي ٿي: مثال طور خُشڪ ڪي تَرَ جي طلب آهي؛ ٿڌي ڪي ڪوسي جي؛ ڪَڙي ڪي مٺَي جي؛ تکي ڪي مُڏي جي؛ خالي ڪي ڀريل جي؛ ۽ ائين ئي ٻيون سموريون شيون بہ آهن. ڇو تہ مخالف خوراڪ هوندو آهي. مخالف جي جڏهن تہ هڪجهڙي ڪي هڪجهڙي ڪان ڪجهہ هڙ حاصل ٿي نہ ٿيندو آهي.‘ مان ٿو سوچيان تہ جنهن همراه هي ڪجهہ چيو، سو مَنڊُ مڙهي ڇڏيندڙ شخص ئي هيو. ۽ هن واقعي درست ئي ڳالهايو. اوهان سيئي ڇا ٿا چئو؟“

” ڦهرين ٻُڌڻ تي تہ مون ڪي ائين ئي چوڻ گهرجي تہ هو درست آهي.“ مينيڪسينس چيو.

”تہ پوءِ اسان ائين چئون تہ وڏي ۾ وڏي دوستي ضدن جي هوندي آهي؟“

”بلڪل ائين“

”هائو مينيڪسينس؛ پر ڇا اهو ڀيانڪ جواب نہ هوندو؟ ۽ ڇا وڏا وڏا ڏاها اهو ٻڌي، پنهنجي سوڀ سمجهي، اسان مٿان ڪڙڪي نہ پوندا ۽ جيڪڏهن هو، بلڪل بہ واجبي طور اهو سوال پڇي وٺن تہ ڇا پيار، نفرت جو ضد نہ آهي، تہ پوءِ اسان کين ڪهڙو جواب ڏينداسين – پوءِ اسان کي تسليم ئي نہ ڪرڻو پوندو تہ هو سچ ٿا چون؟“

”اسان کي لازم تسليم ڪرڻو پوندو“

”پوءِ هو ويتر ائين پڇندا تہ ڇا دشمن، دوست جو دوست هوندو آهي؛ يا دوست، دشمن جو دوست هوندو آهي؟“

”بلڪل بہ نہ“ هن وراڻيو

”چڱو ڀلا هڪ انصاف پسند انسان، بي انصاف جو دوست هوندو آهي، يا معتدل غير معتدل جو، يا سٺو بُري، جو؟“

”مونکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ائين ڪيئن ممڪن هوندو؟!“

”تنهن هوندي بہ،“ مون چيو ”جيڪڏهن متضاد سياء وارن ۾ دوستي هلي ئي ٿي تہ پوءِ متضاد، لازمي طور، دوست هجڻ ئي کپي.“

”لازم هجڻ کپن“

”پوءِ تہ، نہ هڪجهڙا هڪجهڙن جا ۽ نہ مخالف، مخالفن جا دوست هوندا.“

”منهنجي خيال ۾ بہ نہ هوندا“

”۽ اڃا هڪ ٻي ڳالهہ بہ ويچارڻ جهڙي آهي: ڇا دوستيءَ بابت بيان ڪيل اهي سمورا رايا غلط ٿي نہ ٿا سگهن؟ جو تہ اهو جيڪو، نہ سُٺو نہ بُرو آ، پوءِ بہ اهو ڪن حالتن ۾ سٺي جو دوست ٿي سگهي ٿو.“

”اوهان اهو ڪيئن ٿا چئو؟“ هن چيو.

”حقيقت ۾،“ مون چيو، ”سچ تہ اهو آهي تہ مان بہ نہ ٿو ڄاڻان تہ ڪيئن؛ پر منهنجو دماغ هيڏي بحث سبب مونجهاري ۾ جو پيو آهي

۽ ان ڪري مان ان ڏڪي جو خطرو ڪٺان ٿو تہ خوبصورت ئي دوست هوندو آهي، جيڪا پراڻي چوڻي آهي. ’خوبصورتي جيئن تہ هڪ ڪونئري، ڪومل، لسي ۽ ترڪڻي شيءِ آهي ۽ تنهنڪري ئي اهڙي سياءَ جي آهي، جو آسانيءَ سان اندر سرڪي وڃي ٿي ۽ اسان جي آتمار ۾ پهچي وڃي ٿي. چو تہ مان اهو وڏي واڪي چوان ٿو تہ، سنوئي خوبصورت هوندو آهي. تون ان سان متفق ٿيندين؟“

”هائو“

”مان اهو ان لحاظ کان ٿو چوان تہ جيڪو نہ سنو نہ بُرو آهي سو خوبصورت ۽ سني جو دوست هوندو آهي. مان توکي ٻڌايان ٿو تہ مان چو ائين سوچڻ لڳو آهيان: مان سمجهان ٿو تہ هڪڙيون ٽي شيون آهن - سنو، بُرو ۽ اهو جيڪو، نہ سنو نہ برو، آهي. تون متفق ٿيندين - چا نہ ٿيندين؟“

”مان متفق آهيان“

”۽ نہ تہ سنو دوست آهي سني جو؛ نہ بُرو بُري جو؛ نہ ئي سنو بُري جو؛ - اهي هِڙئي متبادل، مٿين سمورن ڪيل بحثن سان رد ٿي چڪا آهن. تنهنڪري جيڪڏهن اجا بہ، بهر صورت، دوستي يا پيار جهڙي، ڪا شيءَ هجي تہ اسان کي پوءِ لازماً اهوئي انومان ڪڍڻ گهرجي تہ اهو جيڪو، نہ سنو نہ برو، آهي سوئي دوست هوندو يا تہ سني جو يا ان جو جيڪو، نہ سنو نہ بُرو، آهي. چو تہ ڪوبہ، بُري جو دوست تہ ٿي ئي نہ ٿو سگهي.“

”صحيح“

”۽ جيڪڏهن ائين، تہ پوءِ جيڪو نہ سنو نہ بُرو، آهي، ان جو، ڪوبہ، اهڙو دوست نہ ٿو ٿي سگهي، جيڪو، نہ سنو نہ بُرو هجي.“

”سڌي سنئين ڳالهہ آهي.“

”تہ پوءِ صرف، سنوئي ان جو دوست هوندو جيڪو، نہ سنو نہ بُرو آ“

”سمجهڻ گهرجي تہ يقيناً ائين ئي هوندو.“

”۽ ڇا هي نتيجو اسان کي درست دڳ تي نہ ٿو وٺي وڃي؟ ڏِسُ نہ، اهو جسم جيڪو صحتمند آهي، اهو نہ ئي دوا درمل ۽ نہ ئي ڪاہي مدد طلبي ٿو، ڇو تہ اهو بلڪل صحتمند آهي سو صحتمند انسان کي جيئڻ تہ صحت آهي، ان ڪري ڪيس طبيب لاءِ چاهہ ڪونهي.“

”هائو، هن کي ڪونهي“

”پر بيمار کي هن سان پيار آهي، ڇو تہ هو بيمار آهي؟“

”يقيناً“

”۽ بيماري هڪ بُري شيءِ آهي، ۽ طبابت هڪ سٺي ۽ ڪارائتي شيءِ؟“

”هائو“

”پر انساني جسم، هڪ جسم طور، نہ سٺو نہ برو، آهي“

”صحيح“

”۽ جسم، بيماريءَ جي سبب مجبور ٿئي ٿو تہ طبابت جي مدد طلبي ۽ ان سان دوستي رکي؟“

”هائو“

”تہ پوءِ اهو جيڪو، نہ سٺو نہ بُرو، آهي، سو بُري جي موجودگيءَ سبب، سٺي جو دوست بڻجي ٿو.“

”اسان اهوئي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا“

”۽ جيڪو نہ سٺو نہ برو آ، اهو بري جي عنصر سان بگڙجڻ کان پهريائين ئي سٺي جو دوست ٿيو هوندو - ڇو تہ جيڪڏهن اهو خودبہ بگڙجي برو بڻجي ويو هجي ها تہ باقي پوءِ سٺي جي سَڌ يا ان سان پيار نہ رکي ها؛ ڇو تہ اسان اڳ ئي پڙهي چڪا آهيون تہ بُرو، سٺي جو دوست ٿي نہ ٿو سگهي.“

”ها، اهو نا ممڪن آ“

”مان وڌيڪ ائين بہ چوندس تہ ڪجهہ شيون جذب ٿي، ملي هڪ ٿي ويندڙيون آهن جڏهن ٻيون انهن سان گڏ هونديون آهن. ۽ وري ڪي اهڙيون بہ آهن جيڪي جذب ٿي نہ سگهنديون آهن؛ توکي مثال

ڏيان ان مرهم يا رنگ جو، جيڪو ڪنهن بہ شيءِ جي متان لڳايو ويندو آهي."

"بلڪل ٺيڪ"

" ان حالت ۾، ڇا اها شيءِ جنهن تي لڳايو ويو هو، سا ساڳي ئي هوندي آهي جهڙو مرهم يا رنگ؟"

"توهانجو ڇا مطلب آ ؟" هن چيو

"منهنجو مطلب هي آهي: جيڪڏهن مان تنهنجي سُنهري ڀورن زلفن کي سفيد روغن سان رنگيان تہ ڇا اهي حقيقي طور سفيد ٿي ويندا يا اهي صرف سفيد نظر ايندا؟"

"اهي صرف سفيد نظر ايندا." هن وراڻيو.

"۽ ان ڪري جو سفيدي انهن منجهہ موجود هوندي؟"

"صحيح."

"پر اها سفيدي انهن کي بهرڪيف، هميشه لاءِ سفيد نہ بڻائي ڇڏيندي، ان جي باوجود جو سفيدي انهن ۾ موجود آهي - اصل ۾ تہ اهي ڪارائي هوندا ۽ سدائين لاءِ سفيد نہ بڻيا رهندا؟"

"نہ."

"پر جڏهن پيرسني انهن ۾ سفيدي پيري ٿي تہ پوءِ اهي تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ سفيدي جي موجودگيءَ جي ڪري ئي سفيد رهن ٿا؟"

"يقيناً"

"هاڻي مان اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ ڇا سيني صورتن ۾ هڪ شيءَ بہ شيءَ جي موجودگيءَ جي ڪري يڪسان ۽ تبديل ٿي ويجي ٿي، يا موجودگي ڪنهن خاص ڳالهہ جي سبب ڪري هجڻ کپي؟"

"پوئين سبب ڪري" هن چيو.

"تہ پوءِ اهو جيڪو، نہ سٺو نہ برو آهي سو بري جي موجودگيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو. پر اڃا تائين برو نہ بڻيو آ جو بري بڻجڻ کان اڳ ۾ ٿيو آ."

"هائو"

”۽ جڏهن ڪا شيءِ بري جي موجودگيءَ ڪري آهي ۽ اجا تائين بري نہ بڻي آهي تہ سٺي جي موجودگي ان ۾ سٺي جي خواهش اڀاري ٿي. پر بُري جي موجودگي جيڪا ڪنهن شيءِ کي برو بڻائي وجهي ٿي، سا سٺي بي سڌ ۽ دوستي کسي وٺي ٿي ڇو تہ اهو جيڪو اڳي سٺو ۽ برو، ٻئي هيو، سو هينئر رڳو برو بڻجي چڪو آهي ۽ پاڻ تہ اٿين ٿي سمجهندا ۽ چوندا آيا آهيون. تہ سٺي جي، بُري سان تہ ڪا دوستي ٿي نہ هوندي آهي“

”ڪا بہ نہ“

” ۽ ان ڪري اسين چئون ٿا تہ اهي جيڪي اڳ ۾ ئي ڏاها آهن، پوءِ ديوتا يا انسان، اهي هينئر ڏاهپ جا عاشق نہ رهيا آهن. ۽ نہ ئي وري اهي ڏاهپ جا عاشق ٿي سگهن ٿا، جيڪي بري جي حد تائين، جاهل آهن. ڇو تہ ڪوبہ جاهل يا برو شخص ڏاهپ جو عاشق نہ هوندو آهي. باقي اهڙا بہ ڪٿي آهن جيڪي بدقسمتيءَ سبب جاهل رهجي ويا آهن، پر پنهنجي جهالت ۾ اجا پختا نہ ٿيا آهن، يا سمجهہ کان وانجهيل بہ نہ آهن ۽ اجا اهو وهم ڪونہ ويٺو اٿن تہ هو اهو ڄاڻين ٿا جيڪو ڪجهہ هو ڄاڻين ٿي ڪونہ ٿا؛ سو، انڪري اهي جيڪي ڏاهپ جا عاشق آهن، سي اجا تائين، نہ سٺا نہ برا آهن. پر ڳالهہ هيءَ آهي تہ برا بہ، سٺن وانگي، ڏاهپ سان پيار نہ ٿا ڪن ڇو تہ جيئن اسان اڳ ۾ ڏسي آيا آهيون تہ نہ ئي مختلف، مختلف جو دوست هوندو آهي، نہ ئي هڪجهڙو، هڪجهڙي جو. اوهان کي ياد آهي نہ؟

”ها، ياد آهي“ هنن ٻنهي چيو.

”۽ لائسس ۽ مينيڪسينس، اٿين اسان بس دوستيءَ جي حقيقت بہ ڳولي لڌي. ان بابت هينئر ڪوبہ شڪ نہ ٿو سگهي؛ دوستي اهو پيار آهي جيڪو، ’نہ سٺي نہ بُري‘ کي، ’بري‘ جي موجودگي سبب ’سٺي‘ سان ٿئي ٿو، پوءِ اهو ’سٺو‘ ڪو آتما هجي، جسم هجي يا اجا بہ ڪا ٻي شي.“

هو ٻئي متفق ٿيا ۽ تسليم ڪيائون. هڪ گهڙيءَ لاءِ مان بہ ڏاڍو

سرهو ٿيس ۽ ان شڪاري جيان مطمئن ٿي ويس جيڪو پنهنجي شڪار کي سوگهو جهليون بيٺو هجي. پر ٻيءَ گهڙيءَ ٿي، هڪ بلڪل بہ نہ بيان ڪري سگهجندڙ شڪُ منهنجي ذهن ۾ ايريو ۽ مون محسوس ڪيو تہ نتيجو تہ غلط هيو. مان ڏُکي ٿي پيس ۽ چيم، ”افسوس! لائسس ۽ مينيڪسينس، مونکي خدشو آهي تہ اسان رڳو پاڇي جي پويان ٿي پئجي رهياسين.“

”اوهان ائين ڇو پيا چئو“ مينيڪسينس پڇيو.

”مونکي انديشو آهي تہ دوستيءَ بابت پنهنجو سڄو بحث ۽ دليلَ غلط ٿي ٿي ويا: دليلَ بہ، انسانن وانگر، اڪثر ڪوڙا هوندا آهن.“

”اوهان اهو ڪيئن پيا چئو“ هن پڇيو.

”تون معاملي کي هن انداز سان ڏس“ مون چيو ”هڪ دوست، ڪنهن جو دوست ٿي هوندو آهي؛ ڇا هو نہ هوندو آ؟“

”يقيناً هو هوندو آ“

”۽ ڇا هڪ دوست هوندي، هن وٽ ڪا منشا ۽ مطلب هوندو آهي يا هن وٽ ڪا منشا ۽ مقصد ناهي هوندو؟“

”هن وٽ هڪ منشا ۽ مقصد هوندو آهي“

”۽ اهو مقصد جنهن ڪيس دوست بڻايو آهي، ڇا هن کي پيارو هوندو آهي يا ان سان ڪيس نہ ٿي پيار ۽ نہ ٿي نفرت هوندي آهي؟“

”مان اوهان کي بلڪل سمجهي نہ سگهيس“ هن چيو.

”۽ مون کي ان تي حيراني بہ نہ ٿي“ مون چيو ”شايد، جيڪڏهن مان معاملي کي ٻي انداز سان رکان تہ پوءِ تون مون کي سمجهي سگهندين ۽ خود منهنجو پنهنجو مطلب بہ منهنجي ٿي آڏو واضح ٿي ويندو. ڪجهہ گهڙيون پهريائين مون ائين ٿي پئي چيو تہ هڪ بيمار شخص، طبيب جو دوست هوندو آهي .... ڇا هو نہ هوندو آهي؟“

”هائو هوندو آهي“

”۽ هو طبيب جو دوست، بيماري جي سبب ۽ صحت جي خاطر آهي؟“

”هائو“

”۽ بيماري هڪ بُري شيءِ آهي“

”يقيناً“

”۽ صحت جي باري ۾ ڇا چوندين؟“ مون چيو ”اها سٺي آهي يا بُري، يا ٻنهي مان ڪابہ نہ؟“

”سٺي“ هن ورائيو.

”۽ منهنجي خيال ۾ اسان اٿين چئي رهيا هئاسين تہ جسم، جيڪو، نہ سٺو نہ برو، آهي، سو بيماري جي سبب ڪري، يعني اٿين ڇڄي تہ برائي جي سبب ڪري طب جو دوست آهي ۽ طب هڪ سٺائي آهي؛ ۽ طب، دوستيءَ جي انهيءَ ناتي ۾ صحت جي خاطر ٿي داخل ٿي آهي ۽ صحت سٺائي آهي.“

”صحيح“

”۽ ڇا صحت هڪ دوست آهي يا دوست نہ آهي؟“

”هڪ دوست آهي“

”۽ بيماري هڪ دشمن؟“

”هائو“

”پوءِ اهو جيڪو، نہ سٺو نہ برو، آهي، سو برائي ۽ نفرت جي سبب ٿي سٺي جو دوست آهي. ۽ دوستيءَ ۽ سٺائيءَ جي خاطر ٿي آهي؟“

”ظاهر آ“

”تہ پوءِ ڪوئي دوست، دوست جي خاطرئي دوست هوندو آهي ۽ دشمن جي سبب ڪري؟“

”اهو انومان ٿي نڪري ٿو.“

”اي نينگرؤ، هينئر هن نقطي تي ٿي اسانکي هوشيار ٿيڻ کپي ۽ ڌوکي کان خبردار رهڻ گهرجي. مان اهو وري ڪونہ ورجائيندس تہ هڪ دوست، دوست جو دوست هوندو آهي ۽ هڪجهڙو هڪجهڙي جو، جيڪو اسان ثابت ڪري چڪاسين تہ ناممڪن آهي. پر ان ڪري

تہ متان هي نئون بيان اسانکي پنيلائي نہ وجهي، اسان کي وڏي ڏيان سان هڪ ٻيو نقطو جاچڻ گهرجي، جيڪو مان هينئر سمجهائڻ وارو آهيان: طب، جيئن اسان چئي رهيا هئا سين تہ. هڪ دوست آهي يا اسان کي اها پياري جو آهي تہ صحت جي خاطر ٿي آهي."

"هائو."

"صحت پڻ پياري آهي."

"يقيناً."

"۽ جيڪڏهن پياري آهي تہ ڪنهن شيءِ جي خاطر ٿي پياري آهي؟"

"هائو."

"۽ پڪ سان اهو مقصد بہ ضرور پيارو هوندو - جيئن پنهنجي اڳ ڪيل قبوليتن ۾ اچي چڪو آهي."

"هائو."

"۽اهو تہ ڪا بہ پياري شئي، ڪنهن ٻئي شئي کي بہ پيارو ڪري ٿي وجهي؟

"هائو."

"پر پوءِ بحث کي ائين وڌائيندي، ڇا اسان دوستي ۽ پيار جي ان پهرين وصف تي نہ پهچي ويندا سين، جيڪو ڪنهن ٻئي حوالي ۽ نسبت سان بيان ڪرڻ جي قابل نہ هوندو. جنهن جي خاطر ٿي، جيئن اسان چئون پيا، ٻيون سموريون شيون پياريون هونديون آهن ۽ اتي پهچي ڪري، اسان جو بحث تہ بيهجي ويندو؟"

"واقعي."

"منهنجو انديشو اهو آهي تہ ٻيون سموريون شيون، جيڪي ،جيئن اسان چئون ٿا، ڪنهن ٻئي جي خاطر پياريون آهن، صرف ڏوڪا ۽ وهم آهن. پر جتي اها پهرين وصف ۽ اصول آهي، اتي ئي دوستيءَ جو سچو آدرش آهي. مون کي معاملي کي ڪٺي هيئن رکڻ ڏي: سمجهہ تہ هڪ وڏو خزانو آهي، اهو پٽ بہ تي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي پيءُ لاءِ

سندس بين سمورين خزانن کان وڌيڪ قيمتي آهي - تہ ڇا اهو پيءُ، جيڪو پنهنجي پٽ جو بين سيني شين کان وڌيڪ قدر ڪري ٿو، سو پنهنجي پٽ جي خاطر، بين شين جو بہ قدر ڪندو؟ منهنجو مطلب آ تہ، مثال طور، جيڪڏهن هن کي خبر پئي تہ سندس پٽ زهر پيتو آهي ۽ پيءُ ائين سوچيو تہ شراب کيس بچائي سگهندو تہ هو شراب جو قدر ڪندو؟"

"هو ڪندو."

"۽ ان ٿانوءَ جو بہ جنهن ۾ شراب پيل آهي؟"

"يقينا"

"پر پوءِ ان سبب ڪري، ڇا هو شراب جي ٽن پيمانن، يا ٺڪر جو ٿانءَ جنهن ۾ اهو آهي، انهن کي بہ پنهنجي پٽ جي بلڪل برابر اهميت ڏئي ٿو؟ ڇا اصل ۾ معاملي جي صحيح صورتحال هي نہ آهي تہ هن جي سموري بيچيني انهن وسيلن جو خيال ۽ لحاظ نہ ٿي ڪري جيڪي ڪنهن مقصد جي خاطر ڪتا ويا آهن، پر ان مقصد جو لحاظ رکي ٿي، جنهن خاطر اهي ڪتا ڪيل آهن.۽ توڙي جو اسان اڪثر چئي وٺندا آهيون تہ اسان سون ۽ چاندي جو وڏو قدر ۽ قيمت ڪيون ٿا، پر اهو سچ نہ آهي، سچ اهو آ تہ اها اجا ڪا بي مراد ۽ مقصد هوندو آهي -- پوءِ اهو ڪهڙو بہ هجي، جنهن جو اسان سڀ کان وڌيڪ قدر ڪندا آهيون ۽ جنهنجي خاطر ئي سون ۽ پنهنجو بيون سموريون ملڪيتون اسان حاصل ڪندا آهيون. ڇا مان درست نہ آهيان؟"

"هائو يقيناً."

"۽ ڇا دوست جي باري ۾ بہ اها ساڳي ڳالهہ نہ ٿي چئي سگهجي؟ تہ اهو جيڪو ڪنهن ٻئي شئي جي خاطر اسان کي پيارو آهي، ان کي پيارو چوڻ غلط آهي. پر سچ پچ پيارو اهو آهي جتي هي هڙئي نالي ماتر پياريون دوستيون ڪٽي پون ٿيون."

" اوهان جي اها ڳالهہ صحيح ٿي لڳي " هن چيو.

"۽ حقيقي پيارو ۽ دوستيءَ جي آخرين وصف يا اصول اهو نہ آهي

تہ ڪوئي ڪنهن ٻئي جي خاطر يا ان کان اڳتي ڪنهن ٻئي جي خاطر پيارو هجي."

"ٺيڪ."

"تہ پوءِ اها راءِ رد ٿي چڪي تہ دوستي جي اچا ڪا وڏيڪ ٻي مراد ۽ مقصد هوندو آهي. ڇا پوءِ اسان اهو نتيجو ڪڍون تہ سٺو ئي دوست هوندو آهي؟"

"مان ائين ٿو سمجهان"

"۽ سٺي سان پيار، بري جي سبب ڪيو ويندو آهي؟ مون کي معاملي کي يلا هينئن رکڻ ڏي:

سمجهہ کڻي تہ ٽن شين، سٺو برو ۽ اهو جيڪو نہ سٺو نہ برو آ، انهن مان رڳو سٺو ۽ غير جانبدار باقي رهي ٿو ۽ اهو تہ برو هليو ويو ۽ آتما يا جسم کي ڪنهن بہ حساب ۾ متاثر ڪونہ ڪيائين، ۽ نہ ئي کو ان قسم جي شين کي بہ، جن لاءِ اسين چئون ٿا، تہ اهي پنهنجو پاڻ ۾ نہ سٺيون نہ بريون آهن- تہ ڇا سٺو، اسان لاءِ ڪنهن ڪارج جو ٿيندو، يا بيڪار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ؟ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهڙي ڪا بہ شئي نہ هجي جيڪا اسان کي نقصان رسائيندڙ هجي تہ ان صورت ۾ اسان کي ڪنهن اهڙي شئي جي ضرورت بہ نہ رهندي جيڪي اسان سان سٺائي ڪري. پوءِ اهو چٽو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اسان سٺي سان پيار ۽ ان لاءِ سُڌ ، برائي جي سبب ڪري ۽ برائي جي علاج لاءِ رکون ٿا؛ جيڪا هڪ مرض هئي. پر جيڪڏهن ڪو مرض هجي ئي نہ، تہ پوءِ ڪنهن علاج جي ضرورت بہ نہ رهندي. ڇا سٺائي جي حقيقت اها نہ آهي- تہ، اسان جيڪي ٻن جي وچ تي بيٺل آهيون، ان اسان پيار، بري جي سبب ڪري ئي ڪيون ٿا؟ پر سٺائي جو، خود ان جي پنهنجي خاطر، ڪو بہ ڪارج ڪونهي ؟."

"مان سمجهان ٿو ڪونهي "

"تہ پوءِ دوستي جو آخري اصول ۽ وصف، جتي ٻيون سموريون دوستيون اچي ڪٽيون، منهنجو مطلب آ، اهي جيڪي نسبتي طور،

پياريون آهن ۽ ڪنهن ٻئي شئي جي خاطر، اهو اصول انهن ڪان مختلف ۽ هڪ ئي حقيقت وارو آهي، جوته اهي ڪنهن ئي پياري يا دوست جي خاطر پياريون سڏجن ٿيون، پر حقيقي دوست يا پياري جي سلسلي ۾، معاملو بلڪل ئي ابتڙ آهن، جو ته ثابت ٿيو ته اهو ڪنهن سان نفرت ڪرڻ ڪري پيارو آهي ۽ جيڪڏهن نفرت ڪيل پري رهن ته پوءِ هو به پيارو نه رهندو."

"بلڪل سچ" هن ورائيو. "ڪنهن به طرح نه رهندو جيڪڏهن سان جي هي راءِ درست بيٺي رهي ته"

"پر، ها، مون کي ٻڌائيندي،" مون چيو، " ته جيڪڏهن برائي نيست ۽ نابود ٿي وڃي ته اسان کي پوءِ به بک لڳندي يا اڃا به اڃ لڳندي، يا اهڙي ڪا خواهش رهندي؟ يا اسان ائين فرض ڪيون ته جيستائين انسان ۽ حيوان باقي رهن ٿا ته بک ته رهندي پر نقصان ڪار نه هوندي ؟ ۽ اڃ ۽ ٻين خواهشن بابت به اها ساڳي ڳالهه سمجهجي - ته اهي رهنديون پر بريون نه هونديون، جو ته برائي ته برباد ٿي چڪي؟ يا مان البت ائين چوان ته ٻنهي مان ڇا هوندو يا ڇا نه هوندو، ائين پڇڻ ئي ڪل جهڙي ڳالهه آهي، جو ته ان جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر ؟ باقي اهي سو اسان ڄاڻون ٿي ٿا ته، اسان جي موجوده صورتحال ۾ بک اسان کي نقصان به رسائي سگهي ٿي ۽ ۽ فائدو پڻ پهچائي سگهي ٿي - ڇا اهو درست نه آهي؟"

"هائو"

"۽ اهڙي ريت اڃ يا ساڳي قسم جي سَڌ، اسان لاءِ ڪنهن مهل سُٺي ۽ ڪنهن مهل بري ٿي سگهي ٿي ۽ ڪنهن مهل ٻنهي مان نه هيءَ نه هوءَ؟"

"پڪ ٿي پڪ"

"پر اهڙو ڪو سبب آهي، ته ان ڪري جو برائي ناس ٿي وڃي، ته اهو جيڪو برو نه آهي ، سو به ان سان گڏ ناس ٿيڻ گهرجي؟"

"اهڙو ڪو به سبب ناهي"

”پوءِ توڙي جو جيڪڏهن برائي ناس ٿي وڃي ٿي تہ اهي خواهشون جيڪي، نہ سٺيون نہ بريون،آهن، پوءِ بہ رهنديون؟“

”ظاهر آهي رهنديون“

”۽ ڇا انسان کي لازم ان سان پيار نہ ڪرڻ گهرجي جنهن جي آس ۽ سڌ هو رکي ٿو؟“

”هن کي لازم ڪرڻ گهرجي“

”پوءِ جيڪڏهن برائي پلي برباد بہ ٿئي، پوءِ بہ پيار يا دوستي جا ڪي تہ بنياد رهندائي سهي؟“

”هائو“

پر ان صورت ۾ نہ رهندا، جيڪڏهن دوستي جو سبب برائي آهي؛ ڇو تہ ان حالت ۾ برائيءَ جي بربادي کان پوءِ ڪابہ شيءِ ڪنهن بي شيءِ جي دوست نہ رهندي، ڇاڪاڻ تہ نتيجو باقي نہ رهندو، جيڪڏهن سبب ئي برباد ٿي ويو.“

”نيڪ“

”۽ ڇا اسان اڳ ۾ ئي اهو نہ قبولي، چڪا آهيون تہ دوست ، ڪنهن شئي سان ڪنهن سبب ڪارڻ ئي پيار ڪري ٿو؟ ۽ ان قبوليت ڪرڻ وقت اسان ان راءِ جا هياسين تہ اهو جيڪو، نہ سٺو نہ برو آهي سو بُري سبب، سٺي سان پيار ڪري ٿو؟“

”بلڪل نيڪ“

”پر هينئر اسان جي راءِ بدلجي چڪي آهي ۽ اسان سمجهون ٿا تہ دوستيءَ جو ضرور ڪو بيو سبب هجڻ گهرجي.“

”مان بہ ائين ئي سمجهان ٿو“

”ڇا سچ، البت ائين نہ آهي، جيئن اسان اجهو چئي رهيا هئاسين، تہ سَڌئي دوستيءَ جو سبب آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو جيڪو سَڌ رکي ٿو، سو مطلوب کي، ان جي طلب مهل ئي پيارو هوندو آهي. هاڻي ٻڌاءِ تہ

اسان جي هي سڄي ساري متي ماري، بس هڪ بي سود بحث ۽، ڪجهه ڪين جو هڪ ڏگهو داستان، نہ بڻجي ويو؟"

"ها، ائين ئي آهي."

پر يقيناً اهو جيڪو سَڌ رکي ٿو، ان جي ئي سَڌ رکندو، جنهن جي گهرج هوندس" مون چيو.

"هائو"

"۽ جنهن جي گهرج اٿس، اهو ڪيس پيارو آهي"

"صحيح"

"۽ گهرج ان جي اٿس،جنهن کان هو محروم آهي"

"يقينا"

"تہ پوءِ پيار، سَڌ۽ دوستي، فطري ۽ ساڳئي سياءَ جا لڳن ٿا. لائسس ۽ مينيڪسينس، نتيجو تہ اهوئي نڪري ٿو."

انهن مڃيو.

"پوءِ جيڪڏهن توهان دوست آهيو تہ توهان جون طبيعتون بہ لازماً ساڳي سياءُ جون، هم مزاج هجڻ گهرجن؟"

"يقيناً" هنن ٻنهي چيو.

"۽ چوڪرؤ مان اوهان کي ٻڌايان تہ اهو جيڪو ڪنهن ٻئي سان پيار ڪري ٿو يا سڌ رکي ٿو تہ اهو يا تہ پنهنجي آتما، يا پنهنجي لَڇڻ ۾، يا پنهنجي چال چلت ۾، يا پنهنجي روپ ۾ ان ٻئي جهڙوئي هوندو، نہ تہ ٻي صورت ۾ هو ان سان ڪڏهن بہ پيار ڪري، سَڌ رکي يا دل نہ لڳائي ها، جيڪڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ساڳي سياءُ جو نہ هجي ها."

"ها، ها" مينيڪسينس چيو، پر لائسس خاموش رهيو.

"پوءِ، نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو ساڳي سياءُ ۽ فطرت وارو آهي، ان سان لازم پيار ڪرڻ گهرجي." مون چيو.

"ڳالهہ ائين ئي ٿي بيهي" هن چيو.

”تہ پوءِ اهو عاشق جيڪو سچو آهي ۽ ڪوڙو ناهي، ان سان سندس محبوب کي بہ ضرور پيار ڪرڻ گهرجي.“

لائسس ۽ مينيڪسينس ان تي هلڪي رضامندي ڏيکاري ۽ هپوٿيليس خوشيءَ مان ٻهڪي اٿيو.

اتي بحث کي، وري کولڻ جي خيال کان، مون پڇيو: ”چا اسان، ساڳي سياءُ ۽ هڪ جهڙي ۾ ڪنهن فرق کي ڳولي سگهون ٿا؟ چو تہ جيڪڏهن اهو ممڪن آهي تہ پوءِ مينيڪسينس ۽ لائسس، منهنجي خيال ۾، دوستيءَ بابت اسان جي بحث ۾ ڪجهہ معنيٰ ۽ مٽيا ٿي سگهي ٿي. پر جيڪڏهن ساڳئي سياءُ وارو بہ بس رڳو اهو هڪجهڙو ٿي آهي تہ پوءِ اوهان هن ٻئي دليل مان جند ڪيئن ڇڏائيندو تہ جيتريقدر اهي هڪجهڙا آهن تہ هڪجهڙو هڪ جهڙي لاءِ بيڪار ٿي هوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ائين چوڻ تہ اهو جيڪو بيڪار آهي، سو پيارو هوندو آهي، سا ڳالهہ تہ عقل جي بلڪل ابتڙ ٿيندي؟ بس فرض ائين ڪيو تہ اسان ساڳي سياءُ واري ۽ هڪ جهڙي ۾ فرق ڪرڻ تي متفق ٿي وڃون ٿا--- بحث جي مدهوشيءَ ۾، ان جي، شايد، اجازت هئڻ گهرجي.“

”بلڪل صحيح“

”۽ ڇا پاڻ وڌيڪ ائين بہ چئون تہ هر شخص لاءِ، سٺائي هوبهو هم مزاج، ۽ برائي خلاف مزاج هوندي آهي؟ يا وري ائين تہ بُرو بري جي هم مزاج، ۽ سُٺو سٺي جي هم مزاج، ساڳئي سياءُ وارو هوندو آهي؛ ۽ اهو جيڪو نہ سٺو نہ بُرو آ، اهو، نہ سٺي نہ بري وانگر؟“

هو هِن متبادل سان متفق ٿيا.

”چوڪرؤ! پوءِ تہ اسان ساڳيو ان پراڻي، ڇڏي ڏنل غلطي ۾ وري وڃي ڪريا آهيون، چو تہ ائين تہ پوءِ بي انصاف جو دوست هوندو؛ خراب خراب جو؛ ۽ اهڙي ريت ٿي سٺو بہ سٺي جو؟ –“

"ها، واقعي اهو تہ ائين ئي ٿي ويو"

"پر وري، جيڪڏهن اسان چئون ٿا تہ ساڳئي سياءَ وارو بہ ساڳيو ئي آهي، جيڪو سٺو، تہ پوءِ ان صورت ۾ سٺو ۽ صرف اهوئي دوست هوندو سٺي جو."

"درست"

"پر اوهان ياد ڪيو تہ اِهو ئي اسان جو نقطہءِ نظر هيو، جنهن کي تہ اڳ ۾ ئي اسان پاڻ ئي غلط بہ ثابت ڪري آيا آهيون"

"اسان کي ياد آهي."

"پوءِ هاڻي ڇا ڪيون؟ يا بلڪ ائين چئجي تہ ڪرڻ لاءِ اجا ڪجهہ رهيو بہ آهي ڇا؟ هينئر تہ مان رڳو بحث کي بس سهيڙي ئي سگهان ٿو، انهن ڏانهن شخصن جيان، جيڪي عدالتن ۾ دليل ڏيندا آهن؛ - جيڪڏهن نہ ئي معشوق نہ ئي عاشق؛ نہ هڪ جهڙو، نہ مختلف، نہ ئي سٺو؛ نہ ئي ساڳئي سياءَ جهڙو؛ نہ ئي انهن منجهان ڪو ٻيو، جن جي باري ۾ اسان ڳالهايو آهي - ڇاڪاڻ تہ انهن جو انگ ايڏو هيو جو هينئر مونکي سڀ ياد نہ ٿا اچن - جيڪڏهن آخرڪار انهن مان ڪير بہ هڪٻئي جا دوست نہ ئي آهن تہ پوءِ مان نہ ٿو ڄاڻان تہ ڳالهائڻ لاءِ باقي ڇا ٿو بچي."

ان مهل ئي مان ڪنهن وڏي شخص کان رايو وٺڻ وارو هيس تہ اوچتو لائسس ۽ مينيڪسينس جا سنڀاليندڙ خانگي استاد اچي نڪتا ۽ اسانجي گفتگو جو سلسلو ٽوڙي وڌائون. هو اسان تي سندن ڀائرن سان گڏ، ڀيانڪ ڀوتن وانگي اچي ڪڙڪيا، ۽ هنن کي گهر وڃڻ جو حڪم ڏنائون، جو ڪافي دير ٿي وئي هئي. ڀهريائين تہ اسان ۽ ڀرسان بيٺلن، ڪين تَڙي ڪڍيو پر هنن جڻ ان کي ليکيو ئي نہ ۽ جهنگلي لهجي ۾ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ميجرجي پيا ۽ ڇوڪرن کي ٻيئا سڏيندا رهيا- اسان کي ائين لڳو جڻ هرمياجي جشن جي موقعي سبب هنن

جهجهوو پيتو هجي، سو ڪين ضابطي ۾ رکڻ ڏکيو ٿي پيو - نيٺ اسان ٿي ڪٽي ڳالهه کي ڇڏيو ۽ چوُنڪڙي کي ڊاهيو.

مون، موڪلائڻ مهل، بهرحال، چوڪرن کي ٻه ٽي اکر چيا: ”مينيڪسينس ۽ لائسس، اها ڪيڏي نه کِل جهڙي ڳالهه ٿيندي جو اوهان ٻه نينگر ۽ مان هڪ ڪراڙو نينگر، جيڪو دل چئي ٿي جيڪر اوهان ٻنهي مان، هڪڙو هجان ها، هڪٻئي جي دوست هجڻ جو تصور ڪيون - هي پرسان بيٺل ويٺل همراه جڏهن اٿي ويندا ته وجي ائين ٿي چوندا- پر پوءِ به پاڻ آخر تائين اهو نه ٿي ڳولي سگهياسين ته دوست ڇئبو ڪنهن کي آ!“

# ڪريٽو [Crito]- "قانون"

**مڪالمي جا ڪردار:**

سقراط

ڪريٽو، سندس دوست

**جڳھ:**

اها جيل جي ڪال ڪوٺڙي، جتي سقراط قيد آهي.

**تعارف:**

مقدمي جي فيصلي کان پوءِ جي قيد واري هڪڙي مهيني دوران، سقراط سان هيءَ گفتگو بنديخاني ۾ ٿي هئي. ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ قيد، سقراط وٽ سندس پراڻو سنگتي، ڪريٽو، هن لاءِ فرار جي هڪ رٿ کڻي پهچي ٿو ۽ هن کي ٻڌائي ٿو ته سندس دوستن ان مقصد لاءِ ڏوڪڙ ڪٺا ڪيا آهن، قيدخاني جي عملدارن سان سازباز ڪئي اٿائون ۽ پناهه جي لاءِ ٿيسالي جي شهري رياست ۾ سنگتين ۽ بااثر شخصيتن سان رابطا به رکجي ويا آهن. ڪريٽو جو خيال ۽ سقراط سان اصرار اهو آهي ته: اٿينس جي عدالت پاران موت جي سزا کي قبوليندي، هو ڇڻ پنهنجن دوستن، ڪٽنب ۽ خود پاڻ سان زيادتي ڪري رهيو آهي.

سقراط ان رٿ کي رد ڪري ٿو. هن جو دليل اهو آهي ته موت جي سزا کان ڊڄي فرار ٿيڻ، عام جنتا جي راءِ کان ڊڄي آڻ ميڄڻ برابر ٿيندو. جڏهن ته هن سموري حياتيءَ ۾ سچائيءَ جي مقابلي ۾ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي پرواهه نه ڪئي آهي ۽ اهو ته فرار ٿيڻ هن جي گذريل زندگيءَ جي اصولن جي ابتڙ ٿيندو ۽ پڻ مقدمي دوران ڏنل سندس ان بيان جو پاڪنڊ ٿيندو ته هو جلاوطنيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندو.

جيتوڻيڪ هو رياست سان سهمت نه رهيو هو ۽ ان جو نقاد هيو، پوءِ به هو پاڻ کي قانون ۽ پنهنجي ضمير آڏو جوابدار سمجهي ٿو. مقدمو ڪُوڙو ۽ الزام هٺ ٺوڪيا ٿي سگهيا پئي، پر سزا، سندس پنهنجي وطن جي عدالت پاران ٿي ڏني وئي هئي ۽ سقراط ان کي قبولڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿو.

اٿينس جي قانون کي هڪ فرضي شخص بڻائي، ان سان خيالي گفتگو ڪري، سقراط اهو سمجهائي ٿو ته هو آخر قانون جو نافرمان ڇو

نہ تو ٿئي، جنهن پلي هن سان زيادتي ۽ زورآوري ڪئي هجي، پر ان ئي ڪيس پاليو، تاتيو ۽ نپائي وڏو بہ تہ ڪيو آهي.

قانون، جنهن جو آواز سندس ڪَنن ۾، ”صوفيءَ جي ڪَنن ۾ ڪنهن بانسري جي آواز“ جيان وڄي رهيو آهي، سقراط ان جي اطاعت ڪرڻ ئي پنهنجي لاءِ ڪُليل، واحد درست دڳ سمجهي ٿو.

## ⑤

سقراط : هن مهل ڪيئن اچي نڪتو آهين ڪريٽو؟ ايڏو ساجهر سويرو؟

ڪريٽو : هائو، واقعي.

سقراط : هينئر ٺيڪ ٺيڪ وقت ڇا ٿيو هوندو؟

ڪريٽو : باک ڦٽي رهي آهي.

سقراط : مون کي حيرت آ تہ هن مهل قيدخاني جي محافظ توکي اندر اچڻ ڏنو ڪيئن؟

ڪريٽو : سقراط، جيئن تہ مان اينديڙ وينديڙ آهيان، ان ڪري هو مون کي سڃاڻي؛ ٻي ڳالهہ تہ هن تي هڪ مهرباني بہ ڪئي اٿم.

سقراط : ڀلا تون هينئر ئي پهچو آهين؟

ڪريٽو : نہ، مون کي آئي ڪجهہ وقت ٿيو آهي.

سقراط : تہ پوءِ مون کي ان مهل ئي جاڳائڻ بجاءِ تون چُپ ڪري ڇو ويٺين؟

ڪريٽو : سقراط، اوهان جنهن آفت ۽ مصيبت ۾ مبتلا آهيو، مان تہ اهڙي صورتحال ۾ گرفتار رهڻ بلڪل بہ پسند نہ ڪريان ها- سچ پڇو تہ بلڪل بہ نہ. اصل ۾ مان جڏهن هتي پهتس تہ توهان ڏاڍي پُرسُڪون ۽ گهري ننڊ ۾ هئا ۽ مان عجب وچان نهاريندو ئي رهجي ويس. ۽ اوهان کي ان سبب ڪري ئي نہ جاڳايم تہ جيڪي گهڙيون توهان سُتل رهندا، گهٽ ۾ گهٽ اوستائين تہ اهنج ۽ آزار ۾ گهٽتائي رهندي. هونئن تہ مون کي اصلوُن خبر آهي تہ اوهان خوش طبع ۽ کُليءَ دل جا مالڪ آهيو. پر پوءِ بہ جنهن سُڪون ۽ خاطري سان هن آفت ۽ مصيبت کي سَهي رهيا آهيو، ان جو مظاهرو مان ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺو آهي.

سقراط : آخر ڇو ڪريٽو؟ جڏهن ڪو شخص منهنجي عمر کي پهچي وڃي ته پوءِ ان کي موت جي اچڻ تي ملول ۽ دلگير نه ٿيڻ گهرجي.

ڪريٽو : پر سقراط، اوهان جي عمر جا ٻيا ماڻهو جڏهن ان قسم جي بدقسمتي سان منهن سامهون ٿيندا آهن ته انهن جي عمر ته ڪين غمگين ۽ دلگير ٿيڻ کان روڪي ٿي نه سگهندي آهي.

سقراط : ها، ائين ته آهي - پر ڪريٽو، تون اهو ته مون کي ٻڌايو ٿي نه ته ايڏو سوير فجر سان ڇو آيو آهين؟

ڪريٽو : سقراط، مان هڪ اهڙي خبر آندي آ جيڪا پڪ سان اوهان لاءِ ڏکوئيندڙ ته هجي پر اوهان جي مڙني دوستن لاءِ ۽ خاص ڪري منهنجي لاءِ انتهائي اُداس ڪندڙ ۽ جهوريندڙ آهي.

سقراط : ڇا ڊيلاس کان اهو ٻيڙو اچي ويو آهي جنهن جي آمد تي مان مرڻو آهيان؟

ڪريٽو : نه، ٻيڙو اجا پهتو ته نه آهي پر شايد اڄ پهچي ٿي وڃي. ڇو ته سونيم کان پهچندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهن ٻيڙي کي اتي آيل ڏٺو آهي. تنهنڪري سقراط، سڀاڻي اوهان جي زندگيءَ جو آخري ڏهاڙو هوندو.

سقراط : نيڪ آهي ڪريٽو؛ جيڪڏهن خدا جي اها ئي مرضي آهي ته پوءِ مان به راضي آهيان. پر مون کي يقين آهي ته هڪ اڌ ڏهاڙي جي دير ته ٿي ئي ويندي.

ڪريٽو : اها ڪيئن؟

سقراط : ٻڌايانءِ ٿو. مون کي ٻيڙي جي اچڻ کان ٻئي ڏينهن تي مرڻو آهي نه؟

ڪريٽو : هائو، اختياري وارا ته ائين ئي ٿا چون.

سقراط : پر منهنجو خيال آ ته ٻيڙو هتي سڀاڻي تائين ڪونه پهچندو. اهو تعبير مان هڪ خواب مان ڪڍيو آهي، جيڪو مان

رات ڏٺو. بلڪ ڪجھ گھڙيون اڳ ۾ جڏھن خوشقسمتيءَ
سان تون مون کي جاڳايو ڪونہ پر سُتل ئي رھڻ ڏنئي.

ڪريٽو : ڀلا خواب ڪھڙو ھيو، ڪيئن ھيو؟

سقراط : مون ڪجھ ھينئن ئي ڏٺو تہ ھڪ عورت آھي، بيحد خوبصورت ۽ من موھڻي. ڪيس چمڪيلو لباس پھريل آھي، ان مون کي سڏيو ۽ چيو: "اي سقراط! اڄ کان ٽئين ڏينھن تي تون ڦٿيا جي زرخيز زمين ڏانھن روانو ٿي ويندين."

ڪريٽو : ڪيڏو نہ نرالو خواب آ، سقراط؟

سقراط : پر مان سمجھان ٿو تہ ان جو مفھوم چٽو بيٺو آھي.

ڪريٽو : ھائو، مفھوم تہ بلڪل چٽو آھي. پر آه! منھنجا محبوب، سقراط، مان توھان کي ھڪ ڀيرو وري وينتي ٿو ڪيان تہ منھنجي صلاح وٺو ۽ ھتان ڀڄي نڪرو. ڇو تہ جيڪڏھن توھان جو موت ٿئي ٿو تہ مان نہ صرف ھڪ اھڙي بيمثال دوست کان محروم ٿي ويندس. جنھن جو خال ڪڏھن بہ نہ پرجي سگھندو، پر ھڪ ٻي خرابي پڻ ٿيندي؛ جيڪي ماڻھو اوھان جي ۽ منھنجي طبيعت کان واقف نہ آھن اھي ائين ئي يقين ڪري ويھندا تہ جيڪڏھن مان رقم خرچ ڪرڻ تي راضي ھجان ھا تہ توھان کي بچائي سگھيس پئي؛ پر اھو تہ مان ڪا پرواھہ ڪانہ ڪئي. ھاڻي ڇا ان کان وڌيڪ بہ ڪا بدتر ذلت ٿي سگھي ٿي تہ منھنجي متعلق ائين سوچيو وڃي تہ مان ھڪ دوست جي زندگيءَ کان وڌيڪ، دولت جو قدر ڪيان ٿو. ڇو تہ ان ڳالھہ کي گھڻا ماڻھو نہ مڃيندا تہ مان چاھيو پئي تہ توھان فرار ٿيو، پر اوھان خود انڪار ڪري ڇڏيو.

سقراط : پر ڇو منھنجا پيارا ڪريٽو، اسان گھڻن ماڻھن جي راءِ جي پرواھہ ئي ڇو ڪيون؟ سنا ماڻھو ۽ صرف انھن سنن شخصن جي راءِ ئي قابل لحاظ ھوندي آھي، اھي تہ ھئن

واقعن ڪي ائين ئي سمجهندا، جيئن اهي ٿيا آهن.

ڪريٽو : پر سقراط، توهان تہ ڇاٽو ٿي ته اڪثريت جي راءِ جو لحاظ تہ ضرور ڪرڻو ٿي پوندو آهي. ڇو تہ هي جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان مان اهو ثابت ٿي وڃي ٿو تہ جيڪو شخص عام جي خوشنودي وڃائي ويهي، ان سان هو عظيم ترين برو سلوڪ ڪري سگهن ٿا.

سقراط : ڪريٽو، منهنجي خواهش آهي جيڪر ائين هجي؛ ڇو تہ اهي جيڪڏهن ڪنهن سان بدترين برائي ڪري سگهن تہ پوءِ اهي عظيم ترين ڀلائي ڪرڻ جي بہ لائق بڻجي سگهندا - ۽ اها واقعي ناهوڪي ڳالهہ ٿيندي! پر في الحقيقت هو اهي ٻئي ڳالهيون نہ ٿا ڪري سگهن؛ ڇو تہ اهي ڪنهن بہ شخص کي نہ تہ عاقل بڻائي سگهن ٿا ۽ نہ ئي احمق؛ باقي هو جيڪو ڪجهہ ڪن ٿا، اهو بس اتفاق جو نتيجو آهي.

ڪريٽو : خير، مان توهان سان تڪرار تہ ڪونہ ٿو ڪيان؛ پر سقراط، مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ ڇا ان عمل کان انڪار، ان سبب ڪري تہ ڪونہ ٿا ڪيو تہ توهان کي منهنجو ۽ ٻين دوستن جو خيال ٿو ٿئي: ڪٿي ان ڳالهہ کان ڊنل تہ نہ آهيو تہ جيڪڏهن اوهان قيدخاني کان فرار ٿيا تہ توهان کي ڀڄائي وڃڻ جو راز کُلي پوڻ تي اسان ڏچي ۾ اچي وينداسين؛ ۽ يا تہ اسان جي سموري مال ملڪيت يا ان جو گهڻو حصو ضبط ڪيو ويندو؛ يا ويندي ان کان وڌيڪ بدتر ڪنهن صورتحال ۾ اڙجي وڃون؟ هائي جيڪڏهن اوهان اسان جي خاطر خوف ۾ آهيو تہ پوءِ بي فڪر ٿي رهو؛ ان ڪري جو اهو اسان جو فرض آهي تہ توهان کي بچائڻ خاطر اسان ان قسم جو يا اجان ان کان وڌيڪ ڪو خطرو ڪڻون؛ بس ڳالهہ مڃو ۽ جيئن مان چوان ٿو ائين ڪيو.

سقراط : هائو، ڪريٽو؛ جيڪو تون بيان ڪرين پيو، اهو انهن مان هڪڙو خوف ضرور آهي، پر بنهه آخري نہ آهي.

ڪريٽو : ڪوئي بہ ڊپ نہ ڪيو - اهڙا ماڻهو آهن جيڪي معاوضي تي توهان کي قيدخاني کان ٻاهر نيڻ تي راضي آهن. باقي جيتريقدر مُخبرن جو معاملو آهي تہ انهن لاءِ ايڏي وڏي روڪڙ جي گهرج ڪونہ پوندي - ٿورن ڏوڪڙن ۾ ئي هنن جي تسلي ٿي ويندي. منهنجا وسيلا، جيڪي يقيناً وسيع آهن، سي سڀ اوهان لاءِ وقف آهن. پر جيڪڏهن منهنجي سموري رقم خرچ ٿيڻ تي جَهجَهڪ ٿا محسوس ڪيو تہ يقين ڪيو ڪجهہ ٻيا بہ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي اوهان جي خاطر پنهنجي پُونجي خرچ ڪرڻ لاءِ تيار آهن، ۽ ٿيبيز جو رهاڪو سيمياس تہ انهي مقصد لاءِ هڪ وڏي رقم ساڻ کڻي بہ آيو آهي. اهڙي طرح سيبيز ۽ ٻيا ڪوڙ ماڻهو آهن جيڪي توهان جي فرار ۾ مدد لاءِ پئسا خرچ ڪرڻ تي تيار آهن. بس مان تہ چوان ٿو تہ اسان جي ٻاران ڪنهن بہ قسم جي ٻُڏتر ۾ نہ پئو. ۽ نہ ئي ائين چئو، جيئن اوهان عدالت ۾ چيو هو تہ ڪنهن ٻئي هنڌ بہ اوهان کي اها ئي ڏکيائي پيش ايندي تہ اتي ڪيئن زندگي گذاريندؤ؟ ڇو تہ توهان جي چاهڻ وارا رڳو ائينس ۾ ئي نہ آهن، پر اوهان جتي بہ پهچندا، اتي محبت ڪرڻ وارا موجود هوندا. جيڪڏهن انهن وٽ وڃڻ چاهيو تہ ٿيسالي ۾ منهنجا ڪجهہ دوست آهن جيڪي توهان جو قدر ۽ حفاظت ڪندا ۽ اتي جو ڪو بہ رهواسي اوهان کي ڪا تڪليف ڪونہ ڏيندو. ۽ سقراط مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ پنهنجي زندگي سان ائين بيوفائي ڪندي ڪو توهان حق بجانب آهيو، ڇو تہ اوهان کي بچائي تہ سگهجي ٿو. ۽ ههڙو عمل ڪندي تہ توهان پنهنجن دشمن جي هٿن ۾ کيڏي رهيا آهيو، جيڪي

جلدي کان جلدي توهان کي تباهہ ڪرڻ تي تيار بيٺا آهن. مان تہ اجا ائين بہ چوندس تہ توهان پنهنجن ٻارڙن سان بہ بيوفائي ڪري رهيا آهيو؛ ڪانئن منهن موڙي ڪين ڇڏي وڃي رهيا آهيو. جڏهن تہ جيئرا رهي ڪري اوهان انهن جي بهتر طريقي سان تعليم، تربيت ۽ پرورش ڪري سگهو ٿا. عام طور تي يتيم ٻار جيئن ويچارا بڻجي ويندا آهن، جيڪڏهن هو مشڪل سان ائين ٿيڻ کان بچي بہ ويا تہ ان ۾ اوهان جي ڪا بس خسيس خدمت ئي شامل هوندي. ڪنهن اهڙي شخص کي ٻارن جو پيءُ نہ بڻجڻ گهرجي جيڪو سندن نيپاج ۽ تعليم لاءِ آخري دم تائين لڳو رهڻ تي راضي ئي نہ هجي. لڳي ٿو تہ اوهان بهتر ۽ مردانگي وارو نہ پر آسان طريقو اختيار ڪري رهيا آهيو. جڏهن تہ توهان جهڙي شخص کي ويتر وڌيڪ انداز سان بهتري ۽ مردانگي وارو دڳ وٺڻ گهرجي. ڇو تہ اوهان پنهنجي سمورن عملن ۾ نيڪي ۽ سچ کي اوليت ڏيڻ جا دعويدار جو آهيو، ۽ سچ پڇ تہ مان نہ صرف توهان کان شرمسار ٿيان ٿو، پر پنهنجا جيڪي بہ دوست آهن انهن کان بہ. جنهن مهل مون کي اها سوچ اچي ورائي ٿي تہ هن سڄي معاملي کي، پورو جو پورو، اسان جي جرئت جي ڪمي سان منسوب ڪيو ويندو. پهريائين تہ مقدمي داخل ٿيڻ جي نوبت بنهہ نہ اچڻ گهرجي ها، يا جيڪڏهن مقدمو هليو بہ تہ ان جي پيروي مختلف انداز سان ٿي سگهي پئي ۽ هي آخري عمل، هيءَ سڀ کان وڏي ناداني، اسان جي ٻاڙيائپ ۽ لاپرواهي ليکجڻ ۾ ايندي، جو جيڪڏهن اسان ۾ ڪا ٿورم هجي ها تہ توهان کي بچائي وجهون ها. ۽ اوهان خود بہ تہ پاڻ کي بچائي سگهيا پئي، ڇو تہ ائين ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي ڪونہ هئي. سقراط، ڏسو نہ، اسان

لاءِ ۽ خود اوهان لاءِ ان جا نتيجا ڪيڏا نہ نراسائي ۽ رُسوائي جا آهن. بس پنهنجي ذهن کي تيار ڪري وٺو، بلڪہ اڳ ۾ ئي تيار ٿيل سمجهو. ڇو تہ سوچ ويچار جو وقت گذري چڪو ۽ هينئر رڳو هڪڙو ئي ڪم ڪرڻو آهي، جيڪو ضروري آهي تہ اڄوڪي رات ئي ڪيو وڃي. ان ۾ جيڪڏهن دير ٿي وئي تہ پوءِ وري ڪڏهن بہ ائين ڪرڻ قابل عمل يا ممڪن نہ رهندو؛ سقراط! مان منٿ ٿو ڪيانوَ تہ منهنجي ڳالهہ مڃو ۽ جيئن چوان ٿو ائين ئي ڪيو.

سقراط : پيارا ڪريٽو! تنهنجي هيءَ سرگرمي ۽ اُتساهہ نهايت مانائتو آهي؛ جيڪڏهن درست آهي؛ پر جيڪڏهن غلط آهي تہ سمجهہ تہ سرگرمي ۽ اُتساهہ جيترو وڌيڪ هوندو آهي، اوترو ئي خطرناڪ هوندو آهي. تنهنڪري پاڻ کي ويچارڻ اهو کپي تہ مون کي تنهنجي چوڻ مطابق عمل ڪرڻ گهرجي يا نہ. ڇو تہ مان هينئر بہ ۽ هميشہ کان اهڙي مزاج جي ماڻهن منجهان هڪڙو رهيو آهيان، جيڪي عقل ۽ دليل تحت زندگي گذاريندا آهن، پوءِ دليل ڪهڙو بہ هجي، پر جيڪو سوچ ۽ ويچار کان پوءِ ئي مون کي بهتر لڳي. ۽ هينئر جڏهن هي موقعو اچي نڪتو آهي تہ پوءِ مان پنهنجي اصولن تان هٽ ڪٿي نہ ٿو سگهان؛ جن اصولن کي مان هن مهل تائين مانُ، مرتبو ۽ مڃتا ڏني آهي، انهن جي مان اڄ بہ عزت ڪيان ٿو ۽ هن گهڙيءَ جيڪڏهن پاڻ انهن کان بهتر ۽ بالاتر اصول ڳولي نہ ٿا ڪڍون تہ پوءِ مان توسان قرار ٿيڻ جي معاملي ۾ بلڪل اتفاق نہ ڪندس. نہ، ان هوندي بہ نہ، جو ڪثرت جي قوت مون کي وڌيڪ قيد و بند، جائداد جي ضبطي ۽ موت سان ڊيڄاري، جيئن ٻارڙن کي ڀوتن جي ڀيانڪ تصور سان ڊيڄاريو آهي. سو هن معاملي

تي بهتر طريقي سان ڪيئن سوچيون؟ اڄ تہ پلا تنهنجي ان پراڻي دليل ڏانهن موٽون تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ اسان ائين ٿي پئي چيوسين تہ ڪجهہ ماڻهن جي راءِ قابل لحاظ هوندي آهي ۽ باقي ٻين جي نہ. ڇا مون کي سزا ملڻ کان اڳ تائين پنهنجي اها دعويٰ درست هئي؟ ۽ اهو دليل جنهن کي پاڻ ڀريائين بهتر ۽ درست سمجهندا رهيا آهيون. ڇا هينئر اهو بس بحث براءِ بحث بڻجي چڪو - صرف ڪا ٻاراڻي بي معنيٰ ڳالهہ؟ ڪريٽو! مان ان معاملي تي تنهنجي تعاون ۽ مدد سان غور ڪرڻ گهران ٿو: - تہ ڇا منهنجي هن موجوده صورتحال ۾ اسان جو اهو دليل پنهنجو وزن وڃائي ويٺو آهي يا نہ؛ ڇا هينئر مون کي ان دليل کي تسليم ڪرڻ گهرجي يا نہ؟ جيئن مان چئي رهيو هيس، منهنجو يقين آهي تہ ڪيترائي مستند راءِ رکندڙ شخص بہ ان دليل کي مڃن ٿا تہ ڪجهہ ماڻهن جي راءِ جو لحاظ رکڻ گهرجي ۽ ڪجهہ ماڻهن جي راءِ جو لحاظ نہ رکڻ گهرجي. ڪريٽو، هاڻي سڀاڻي تون تہ ڪونہ ٿو مرين - گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ڪوبہ امڪان ڪونهي - ۽ انهيءَ ڪري تون نہ رڳو معاملي کان بي تعلق، پر پنهنجي چوڌاري موجود حالتن کان ڌوڪي کائڻ کان بہ بلڪل محفوظ آهين. سو ٻڌاءِ تہ ڇا مان ائين چوڻ ۾ درست آهيان تہ ڪجهہ رايا ۽ اهي بہ رڳو ڪجهہ شخصن جا رايا تہ قابل قدر هوندا آهن، پر ٻيا رايا ۽ ٻين شخصن جا رايا قابلِ قدر نہ هوندا آهن. منهنجو سوال هي آهي تہ ڇا مان ائين سمجهڻ ۾ حق تي آهيان؟

ڪريٽو : يقيناً.

سقراط : سٺا رايا قابلِ لحاظ هوندا آهن ۽ بُرا نہ؟

ڪريٽو : هائو.

سقراط : ۽ ڏاهن جا رايا سٺا ۽ نادانن جا رايا بُرا هوندا آهن؟

ڪريٽو : بلڪل.

سقراط : ۽ هن ٻئي معاملي جي باري ۾ ڇا چئبو؟ ڇا جمناسٽڪ جي رانديگر کي هر شخص جي تعريف، مذمت ۽ راءِ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، يا صرف هڪ ئي شخص يعني پنهنجي تربيت واري استاد جي راءِ کي اهميت ڏيڻ گهرجي؟

ڪريٽو : رڳو ان هڪ شخص جي راءِ کي.

سقراط : ۽ هن کي گهڻن جي بجاءِ رڳو انهيءَ هڪ شخص جي نندا کان ڊڄڻ ۽ واکاڻ کان خوش ٿيڻ گهرجي؟

ڪريٽو : ظاهر آ.

سقراط : ۽ ٻين سمورن ماڻهن جي گڏيل راين جي مقابلي ۾ هن کي پنهنجي کائڻ پيئڻ، سکيا ۽ عمل ۾ اهڙيٰ طريقي سان هلڻ گهرجي، جيڪو ان هڪڙي استاد کي بهتر لڳي، جنهن کي ڄاڻ آهي؟

ڪريٽو : صحيح آ.

سقراط : ۽ جيڪڏهن هو انهن گهڻن ماڻهن جي راءِ جو ته خيال ڪري، جن کي ڪا ڄاڻ ڪونهي، پر ان هڪ شخص جي راءِ جو لحاظ نه ڪري ۽ نافرماني ڪري ته ڇا هو برائي جو شڪار نه ٿي ويندو؟

ڪريٽو : بلڪل ٿيندو.

سقراط : ۽ اها برائي ڀلا ڪهڙي هوندي؟ ۽ نافرماني ڪرڻ واري شخص تي ڪهڙو اثر ڏيکاريندي؟

ڪريٽو : ڳالهه صاف پئي آهي، ان بُرائي سان هن جي جسماني صلاحيتن جو نقصان ٿيندو.

سقراط : تمام سٺو؛ ۽ ڪريٽو، ڇا جمناسٽڪ کان سواءِ ٻين معاملن ۾ به اها ڳالهه درست نه آهي، جن کي الڳ الڳ بيان ڪرڻ جي ضرورت ناهي؟ پنهنجي موجوده گفتگو جي موضوعن يعني انصاف ۽ ناانصافي، جائز ۽ ناجائز، سٺائي ۽ برائي

جي باري ۾ ڇا اسان کي گهڻائي جي راءِ مطابق عمل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کان ڊڄڻ گهرجي، يا ان هڪ شخص جي راءِ کان جنهن کي سمجهه ۽ ڄاڻ آهي؟ ڇا اسان کي ان هڪ شخص جو باقي ساري دنيا جي مقابلي ۾ وڌيڪ مڃتا ۽ احترام ڪرڻ ۽ هن کان ڊڄڻ نه گهرجي ۽ جيڪڏهن اسان ڪانئس منهن موڙيون ته ڇا اسان پنهنجي ذات جي ان اصول کي مجروح ۽ تباهه نه ڪري رهيا هونداسين جيڪو اصول انصاف سان بهتر ۽ ناانصافيءَ سان بگڙجي ويندو آهي - ڇا اهڙو اصول هوندو آ؟

ڪريٽو : يقيناً هوندو آهي.

سقراط : ان جهڙو ئي هڪ ٻيو مثال وٺ:- جيڪڏهن اهڙن جي صلاح تي عمل ڪندي، جن کي ڪا ڄاڻ ڪونه هوندي آهي، اسان ان کي تباهه ڪندا آهيون، جيڪو صحت سان بهتر ۽ بيماريءَ سان بگڙندو آهي ته ڇا اهڙي صورت ۾ زندگي گذارڻ جي قابل رهندي؟ ۽ اهو جيڪو تباهه ٿيو سو اسان جو جسم ئي ٿيو - ائين؟

ڪريٽو : هائو.

سقراط : ۽ ڇا اسان هڪ ٻُري، بگڙيل ۽ تباهه ٿيل جسم سان زندگي گذاري سگهون ٿا؟

ڪريٽو : يقيناً نه.

سقراط : ۽ جيڪڏهن اسان جي ذات جو اهو اعليٰ اصول تباهه ٿي وڃي جيڪو انصاف سان سڌرندو ۽ ناانصافي سان بگڙي ويندو آهي ته پوءِ مون کي ٻڌاءِ ته ڇا ان صورت ۾ زندگي گذارڻ جي قابل هوندي؟ ڇا اسان کي پنهنجي ذات جي ان اصول کي جسم کان نيچ سمجهڻ گهرجي، جنهن جي نوعيت خواه ڇا به هجي، پر جيڪو انصاف ۽ ناانصافي کان متاثر ٿيندو آهي؟

ڪريٽو : بلڪل به نيچ نه سمجهڻ کپي.
سقراط : بلڪ جسم کان وڌيڪ اعليٰ ۽ معتبر؟
ڪريٽو : گهڻو گهڻو معتبر.
سقراط : ته پوءِ منهنجا دوست! اسان کي ان ڳالهه جي پرواهه بلڪل نه هجڻ گهرجي ته گهڻا ماڻهو ڇا چوندا؛ بلڪ اسان کي پرواهه ته ان هڪڙي شخص جي ڪرڻ کپي، جيڪو انصاف ۽ نا انصافي جي باري ۾ حقيقي ڄاڻ رکي ٿو. ته اهو شخص ڇا چوندو يا سچائي ڇا چوندي؟ تنهنڪري تون غلطي ڪرڻ لڳين ٿو، جنهن گهڙيءَ اهو مشورو ڏئين ٿو ته اسان کي انصاف ۽ ناانصافي، سٺي ۽ بُري يا معتبر ۽ غير معتبر جي باري ۾ گهڻائي جي راءِ جو لحاظ رکڻ گهرجي - ممڪن آهي ته ڪوئي شخص هينئن چئي وجهي، ”اهو ته ٺيڪ آ، پر گهڻا ماڻهو اسان کي موت تائين ته پهچائي سگهن ٿا؟“
ڪريٽو : هائو سقراط، ڪو ائين به چئي سگهي ٿو.
سقراط : ۽ اهو سچ به آهي، پر عجب آهي جو پوءِ به پنهنجي ان پراڻي دليل کي مان لوڏو ايندي نه ٿو ڏسان ۽ مان ڄاڻڻ چاهيندس ته هڪ ٻئي مسئلي لاءِ به ڇا مون کي ائين چوڻ گهرجي - ته رڳو زندگيءَ جو نه، پرهڪ سٺي زندگيءَ جو ئي قدر ڪرڻ ۽ اهميت ڏيڻ گهرجي.
ڪريٽو : هائو ان ڳالهه کي به لوڏو ئي ڪونهي.
سقراط : ۽ اها به پڪي ڳالهه ته سٺي زندگي هڪ منصفاڻي ۽ معتبر زندگي هوندي آهي؟
ڪريٽو : هائو ائين ئي آهي.
سقراط : هاڻي انهن مٿين معلوم ٿيل نقطن کي نظر ۾ رکندي، مان سوال ڪي، دليل سان اڳتي وني هلان ٿو ته ڇا مون کي اٿينس وارن جي رضامندي کان سواءِ فرار ٿيڻ جي ڪوشش

ڪرڻ گهرجي يا نہ ڪرڻ گهرجي؟ سو جيڪڏهن منهنجو فرار ٿيڻ بلڪل واجب ۽ درست ثابت نڪتو تہ پوءِ مان اها ڪوشش ڪندس، پر جيڪڏهن نتيجو اهو نڪري ٿو تہ اهو عمل واجبي نہ آهي تہ پوءِ مان اهڙي ڪوشش کان پري ٿي رهندس. باقي جيتري قدر تنهنجي بيان ڪيل ٻين ڳالهين مثلاً رقم ۽ شهرت جي نقصان ۽ پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي فرض جو تعلق آهي، انهن ڳالهين جو خيال عام ڪي ٿي هوندو آهي. جن جو حال وري اهو آهي تہ بغير ڪنهن معقول جواز جي ڪنهن شخص کي موت تائين پهچائڻ لاءِ تيار آهن، ۽ ايترو ئي تيار ڪنهن مئل کي وري جيئرو ڪرڻ لاءِ بہ آهن، جيڪڏهن اهو سندن وس ۾ هجي. بهرحال هينئر بحث ۽ ويچار بس انهيءَ سوال تي ٿيڻ گهرجي تہ، ڇا اسان فرار ٿيڻ يا ٻين کي پنهنجي فرار ۾ مدد ڏيڻ تي راضي ڪرڻ ۽ بدلي ۾ کين معاوضي ۾ رقم ادا ڪرڻ ۽ ٿورو مڃڻ جي ان سڄي عمل ۾ حق بجانب آهيون؟ يا حقيقت هيءَ آهي تہ حق بجانب نہ آهيون. هاڻي جيڪڏهن پوئين ڳالهہ درست آهي تہ پوءِ منهنجي هتي رهڻ سان يلي مون کي موت جو يا ڪنهن ٻي مصيبت جو شڪار ڇونہ ٿيڻو پوي، مون کي انهن ڳالهين کي ليکي ۾ آڻڻ يا خوف کائڻ نہ گهرجي.

ڪريٽو : سقراط، منهنجو خيال آهي تہ توهان نيڪ پيا چئو. پوءِ هاڻي ڳالهہ کي اڳتي ڪيئن وڌائجي؟

سقراط : اچ تہ انهيءَ مسئلي تي گڏجي ويچار تا ڪريون، ۽ جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ کي غلط ثابت ڪري سگهين تہ ضرور ڪجان، ۽ مان تنهنجي ڳالهہ قبول ڪري وٺندس. ۽ منهنجا عزيز دوست، جيڪڏهن معاملو ان جي ابتڙ ٿيو تہ پوءِ قرب ڪري اهو اصرار ڇڏي ڏجان تہ مون کي اٿينس

وارن جي خواهشن جي برخلاف فرار ٿي وڃڻ گهرجي؛ مون کي پنهنجي فرار ٿي راضي ڪرڻ لاءِ تون جيڪي ڪوششون ڪري رهيو آهين، جيتوڻيڪ مان انهن جو ڏاڍو قدر ڪيان ٿو، پر جنهن راءِ کي مان پاڻ درست ۽ بهتر سمجهان، ان جي ابتڙ عمل تي مون کي مائل نه ٿو ڪري سگهجي. هاڻي مهرباني ڪري منهنجي ڳالهه کن ڌيان ڏئي ٻڌ ۽ ان جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪجان.

ڪريٽو : مان ڪوشش ڪندس.

سقراط : اسان منڍ کان وٺي اهو ٺي چوندا رهيا آهيون ۽ ان تي متفق به رهيا آهيون ته اسان کي ڄاڻي ٻجهي ڪڏهن به ڪوبه غلط ڪم نه ڪرڻ گهرجي. ۽ اهو ته غلط ڪم ڪرڻ هر صورت ۾ هميشه هڪ بُري ۽ غير مانائتي ڳالهه آهن. هاڻي ڇا پاڻ ائين چوندا هئين ته ڪنهن هڪڙي خاص حوالي ۽ حساب سان ته غلط ڪم مُباح آهن، پر ڪنهن ٻي نسبت سان نه ٿا ڪري سگهجن. ڇا ائين چئي اسان پنهنجين انهن سمورين قبوليتن تان هٿ کڻي ويون، جيڪي ڪجهه ڏينهن اڳ تائين پاڻ ٺي قبوليندا رهيا آهيون؟ ڇا پنهنجي پيرسني ۾ پهچي ڪري به آخر ان نتيجي تي پهچون ته پنهنجي ڳالهه تي پختو بيهڻ ۾ اسان ٻارڙن کان به ڇَٽُ آهيون؟ يا وري راءِ عامه جي بهتر يا بدتر نتيجن جي پرواهه نه ڪندي، اسان کي ان ٺي سچائي تي اصرار ڪندو رهڻ گهرجي جيڪا پاڻ پهريائين کان چوندا رهيا آهيون ته جيڪو شخص غير منصفاڻو عمل ڪري ٿو ته اهڙو عمل هميشه هڪ برائي ۽ بي عزتي جي ڳالهه آهي. ڇا اسان کي ائين ٺي چوڻ گهرجي يا نه؟

ڪريٽو : هائو، ائين ٺي چوڻ گهرجي.

سقراط : ته پوءِ اسان کي ڪوئي غلط ڪم نه ڪرڻ گهرجي؟

ڪريٽو : يقيناً نہ ڪرڻ گهرجي.

سقراط : نہ ئي ڪوئي ايذائي تہ موٽ ۾ ايذايون. جيئن عام ماڻهن جي سوچ ۽ طريقو هوندو آهي. ڇو تہ اصول تہ اهو آهي تہ اسان کي ڪنهن بہ شخص کي ايذائڻو تہ آهي ئي نہ؟

ڪريٽو : ظاهر آ نہ.

سقراط : ڀيهر ٻڌاءِ ڪريٽو، ڇا اسان کي ڪنهن سان برائي ڪرڻ گهرجي؟

ڪريٽو : يقيناً نہ، سقراط.

سقراط : ۽ جيئن عام ماڻهن جو طريقو آهي تہ اهي برائي جو جواب ۾ برائي ڪندا آهن - تہ ڇا اهو واجبي آهي؟

ڪريٽو : بلڪل واجبي نہ آهي.

سقراط : ڇو تہ ڪنهن شخص سان برو سلوڪ ڪرڻ، ان کي ايذائڻ جي برابر آهي؟

ڪريٽو : بلڪل سچ.

سقراط : تہ پوءِ اسان کي ڪنهن شخص جي هٿان ڀلي کهڙو ئي برو سلوڪ برداشت ڪرڻو پوي، اسان کي ڪڏهن بہ وير وٺڻ يا اُن جي برائي جي بدلي ۾ برائي نہ ڪرڻ گهرجي. پر ڪريٽو، ڌيان ڪجانءِ تہ تون جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهين ڇا واقعي سوچي سمجهي چئي رهيو آهين؟ ڇو تہ اها راءِ چڱي خاصي تعداد جي ماڻهن، نہ ڀهريائين ڪڏهن قبولي آهي ۽ نہ ئي قبوليندا ۽ اهي جيڪي ان نقطي تي متفق آهن ۽ جيڪي نہ آهن، تن وٽ ڪو گڏيل بنياد ڪونهي ۽ بس هڪٻئي کان نفرت ڪن ٿا. جڏهن اهو ڏسن ٿا تہ هو ڪيڏو نہ وڏو اختلاف رکن ٿا. سو مون کي سوچي ٻڌاءِ تہ، ڇا تون ان ڀهرين اصول سان اتفاق ڪري قبول ڪرين پيو تہ ايذائڻ، وير وٺڻ ۽ برائي کان بچڻ لاءِ برائي ڪرڻ، ڪڏهن بہ درست نہ هوندو آهي؟ ڇا اسان

جي بحث جو بنياد اهو ٿي هوندو؟ يا تون ان کان انڪار ڪرين ٿو ۽ اختلاف رکين ٿو؟ ڇو تہ منهنجي راءِ تہ سدائين اها رهي آهي ۽ اڃا بہ اها آهي، پر جيڪڏهن تنهنجي راءِ ٻي آهي تہ مون کي ضرور ٻڌاءِ تہ تون ڇا ٿو چوين. بهرحال جيڪڏهن تون بہ پنهنجي پهرين راءِ تي بيٺو آهين تہ پوءِ مان ڳالهہ کي اڳتي وڌايان.

ڪريٽو : توهان ڳالهہ کي اڳتي وڌايو، ڇو تہ مان پنهنجي راءِ تبديل نہ ڪئي آهي.

سقراط : منهنجي ڳالهہ جو ايندڙ نقطو سوال جي انداز ۾ آهي: ڇا هڪ شخص کي اهو ٿي ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جنهن کي هو درست سمجهي ٿو يا هو درست ڳالهہ سان دغا ڪري؟

ڪريٽو : هن کي اهو ڪجهہ ڪرڻ گهرجي جنهن کي هو درست سمجهي.

سقراط : پر جيڪڏهن اها ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ ان کي عمل ۾ ڪيئن آڻجي؟ ايٿينس وارن جي رضامندي جي خلاف، قيدخاني کان فرار ٿيندي، ڇا مان انهن سان زيادتي نہ ٿو ڪيان، جن سان مون کي بلڪل بہ زيادتي نہ ڪرڻ ڪپي؟ ائين ڪري ڇا مان انهن اصولن جي ڀڃڪڙي نہ ڪري رهيو هوندس جن کي اسان درست ۽ منصفاڻو قبوليو هو؟- ڇا ٻيو چوين؟

ڪريٽو : سقراط، مان نہ ٿو ٻڌائي سگهان، ڇو تہ مان ان باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان.

سقراط : تہ پوءِ معاملي تي هن انداز سان ويچار ڪر: تصور ڪر تہ مان هتان ڀڄي نڪرڻ وارو ٿي آهيان (باقي توکي جيئن وڻي، ان عمل کي ائين چئي سگهين ٿو) تہ قانون، رياست ۽ حڪومت اچي پهچن ٿا ۽ مون کان سوال پڇن ٿا. هو چون ٿا: "سقراط، اسان کي تہ ٻڌاءِ تون هي ڇا ڪري رهيو

آهين؟ ڇا تون پنهنجي عمل سان، اسان کي – يعني قانونن ۽ سڄي رياست کي جنهن حد تائين تنهنجي اندر ۾ انهن جو احترام آهي، انهن کي تباهه ۽ برباد نه ڪري رهيو آهين؟ جيڪڏهن ڪنهن رياست ۾ قانون جي فيصلي کي بالادستي حاصل نه هجي ۽ فردن پاران انهن کي رد ڪري ۽ نه قبوليو وڃي ۽ پيرن هيٺان لتاڙيو وڃي ته تصور ڪر ته اهڙي ڪا رياست، شڪست ۽ بربادي کان بچي سگهندي؟" ڪريٽو، هاڻي تون ٿي ٻڌاءِ ته انهن لفظن جو ۽ ان جهڙن ٻين جملن جو اسان وٽ ڪهڙو جواب هوندو؟ ڪوبه شخص ۽ خاص ڪري هڪ ماهر مقرر، قانون پاران گهڻو ڇٽي سگهي ٿو ته سزا تي عمل ضرور ٿيندو آهي. هو دليل ڏيندو ته ان اصول ۽ قانون کي ٽڏي نه ڇڏڻ کپي. ڇا پوءِ اسان ڪيس هيئن جواب ڏينداسين، "هائو اها ڳالهه نيڪ ته آهي، پر رياست به ته اسان سان زيادتي ڪئي آهي ۽ ناحق جي سزا ڏني آهي." فرض ڪر ته مان ائين چوان ٿو؟

ڪريٽو : هائو فرض ڪريو سقراط، ته اسان ائين ئي چئون ته پوءِ؟

سقراط : ته ان صورت ۾ پوءِ قانون جو جواب هوندو، "ڇا تنهنجي اسان جي وچ ۾ اهڙو ناهه هيو ڇا ته توکي سزا نه ڏني ويندي. يا اهو ته توکي رياست طرفان مليل سزا جو پابند رهڻو هيو؟" ۽ جيڪڏهن انهن لفظن کي ٻڌي حيرت وچان منهنجيون اکيون ڪليل ٿي رهجي وڃن ته اهو ڏسي ڪري شايد قانون هيئن چوي: "جواب ڏي سقراط، اکيون ڦاڙي ڦاڙي ڏسڻ بدران – هونئن ته توکي سوالن پڇڻ ۽ جواب ڏيڻ جي عادت آهي – ٻڌاءِ ته توکي اسان کان اهڙي ڪهڙي شڪايت آهي جيڪا اسان کي ۽ رياست کي تباهه ڪرڻ جي تنهنجي ڪوشش کي حق بجانب بڻائي سگهي

ٿي؟ پهرين ڳالهہ تہ ڇا تنهنجي وجود جو سبب اسان ئي نہ بڻيا هئاسين؟ تنهنجي پيءُ اسان جي ئي مدد سان تنهنجي ماءُ سان شادي ڪئي ۽ ان جي نتيجي ۾ ئي توکي ڄڻيو. ڇَئہ ڇا توکي ڪوئي اعتراض آهي جو انهن قانونن جي خلاف هُشڪارين ٿو، جيڪي شاديءَ جو انتظام ڪن ٿا؟“ ظاهر آ منهنجو اهو ئي جواب هوندو تہ مون کي ڪوئي اعتراض ڪونهي. تنهن تي قانون وري ٻيو سوال ڪندا: ”يلا انهن قانونن جي خلاف ڪوئي اعتراض اٿئي جيڪي پيدائش کان ٻارن جي نيپاج ۽ تعليم جي معاملن کي مرتب ڪن ٿا- انهن جي هيٺ ئي تنهنجي تعليم ۽ تربيت بہ ٿي هئي- ڇا اهي قانون تنهنجي پيءُ کي موسيقي ۽ جمناسٽڪ ۾ تنهنجي تربيت ۽ سکيا ڪرڻ لاءِ ذميوار بنائڻ ۾ حق بجانب نہ هوندا؟“ مونکي ان سوال جي جواب ۾ بہ هاڪار ئي ڪرڻ گهرجي. وري هو چوندا، ”ها، تہ پوءِ جڏهن هن دنيا ۾ تنهنجي پيدائش، تنهنجي پرورش ۽ تنهنجي تعليم بہ اسان جي وسيلي ٿي تہ پهرين ڳالهہ تہ ڇا تون ان کان انڪار ڪري سگهين ٿو تہ تون اسان جو اولاد ۽ غلام آهين، جهڙي ريت توکان پهريان تنهنجا ابا ڏاڏا هئا؟ ۽ جيڪڏهن اسان جي هيءَ ڳالهہ صحيح آهي تہ پوءِ اسان سان تنهنجو ناتو برابري وارو نہ ٿيو. نہ ئي تون اٿين سوچ تہ جهڙو سلوڪ اسان توسان پيا ڪيون، توکي بہ ڪو اسان سان اٿين ڪرڻ جو حق حاصل آهي. جيڪڏهن تنهنجو پيءُ، يا وري جي تون غلام هجين ها، ۽ تنهنجو مالڪ، جيڪڏهن توکي مارڪٽ ڪري ها، گهٽ وڌ ڳالهائي ها يا ٻيو ڪوئي برو سلوڪ ڪري ها تہ ڇا توکي جواب ۾ پنهنجي پيءُ يا مالڪ کي مارڪٽ ڪرڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ٻيو ڪو بُرو سلوڪ ڪرڻ جو حق هجي ها؟

- نہ، تون ائين بلڪل بہ نہ سوچيندين. ۽ هاڻي جيئن تہ اسان ان ڳالهہ کي درست سمجهون ٿا تہ توکي ختم ڪيو وڃي تہ ڇا تنهنجي خيال ۾ توکي بہ اهو حق حاصل آهي تہ موت ۾ تون بہ اسان کي ۽ رياست کي تباهہ ڪرين؟ تون جيڪو پاڻ حقيقي نيڪي ۽ سچ جو پارکو ٻڌجين ٿو، ڇا اهو سمجهين ٿو تہ ائين ڪرڻ ۾ حق بجانب آهين؟ ڇا تو جهڙو فلسفي ان ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهيو تہ اسان جي رياست، اسان جي والدين ۽ ابن ڏاڏن کان وڌيڪ قابل قدر، اعليٰ تر ۽ پاڪ پَوتر آهي، ۽عقل ۽ فهم وارن انسان جي نگاهن ۾ وڌيڪ قابلِ لحاظ آهي؟ ۽ اسان جي والدين کان وڌيڪ، رياست ان جي حقدار آهي تہ ان جي حڪمن جي پوئواري ڪئي وڃي. ۽ جڏهن اها ڪنهن ڳالهہ تان ڪاوڙيل هجي تہ ان کي پرچائڻ ۽ ريجهائڻ گهرجي ۽ ان سان انڪساري ۽ احترام سان پيش اچي، ان کي سمجهائڻ ۽ قائل ڪرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اها نہ مڃي تہ پوءِ ان جي سامهون سر جهڪائي ڇڏڻ گهرجي. پوءِ جيڪڏهن اها اسان کي سزا ڏئي، قيد جي يا ڪوڙن جي، بهرڪيف اسان کي اها سزا خاموشيءَ سان برداشت ڪرڻي آهي. ۽ جيڪڏهن رياست جنگ جي ميدان ۾ اسان کان زخمي ٿيڻ يا موت کي ڳلي لڳائڻ جي گُهر بہ ڪري تہ اتي بہ اسان کي اها درست پيروي ڪرڻ گهرجي؛ ۽ نہ ئي ڪنهن کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهرجن يا پٺتي موٽ کائڻ ۽ پنهنجو مورچو ڇڏڻ گهرجي. پر ڀلي تہ ڪوئي جنگ جي ميدان ۾ هجي يا ڪنهن قانوني عدالت ۾، يا ڪنهن بہ ٻي جاءِ تي، پر هن کي ڪرڻ اهو ئي گهرجي جنهن جو حڪم پنهنجو شهر ۽ پنهنجي رياست کيس ڏئي؛ يا تہ کيس انهن جو نقطئہ نظر ضرور تبديل ڪرڻ گهرجي تہ سچ ۽ انصاف

چا آهي؛ ۽ جهڙي ريت هو پنهنجي ماءُ يا پيءُ سان ڪائي گستاخي يا زيادتي نہ ٿو ڪري سگهي تہ وڏيڪ لازم آهي تہ هو پنهنجي رياست سان بہ زيادتي نہ ڪري.” ڪريٽو، ٻڌاءِ تہ اسان انهن ڳالهين جو ڪهڙو جواب ڏينداسين. ڇا قانون پنهنجي حق ۾ اهو سڀ ڪجهہ جو چون پيا – سچ بہ چون پيا يا نہ؟

ڪريٽو : منهنجي خيال ۾ اهي سچ ٿي چون پيا.

سقراط : پوءِ وري قانون هيئن چوندا: ”ويچار ڪر سقراط، جيڪڏهن اسان سچ ٿي چئي رهيا آهيون، تہ پوءِ، پنهنجي فرار جي موجوده ڪوشش ڪندي، تون اسان کي ڇيهو رسائين ٿو. چو تہ اسان ئي توکي دنيا ۾ آندو، توکي پاليو تاتيو، تنهنجي تعليم ۽ تربيت ڪئي ۽ هر ان سٺائي منجهان جيڪا اسان توهان کي پيش ڪري پئي سگهياسين، توکي ۽ اٿينس جي هر شهري کي حصو ڏنو. نہ رڳو اهو پر ان کان بہ وڌيڪ اسان هر شهري کي اها آزادي ڏيندي، وڏي واڪي چئون ٿا تہ هو عاقل بالغ ٿي جڏهن رياست جي طورطريقن کي پلي پت پروڙي وٺي ۽ اسان قانونن کان بہ نيڪ طرح واقف ٿي وڃي تہ پوءِ پنهنجي مال ملڪيت ساڻ کڻي، جيڏانهن دل ڪڍيس، وڃي سگهي ٿو. اسان قانونن منجهان ڪو بہ هن کي ائين ڪرڻ کان منع نہ ڪندو ۽ نہ ئي ان ڪوشش ۾ رنڊڪ وجهندو. ڪهڙو بہ شخص، جيڪو اسان کي ۽ رياست کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ جيڪو ڪنهن نوآبادي يا ڪنهن ٻئي شهر ۾ لڏي وڃڻ گهري تہ پنهنجي مال متاع سوڌو، جيڏانهن چاهي وڃي سگهي ٿو. پر اهو شخص جيڪو ان انداز کان بخوبي واقف آهي، جنهن سان اسان رياست جي انتظام ۽ انصاف جي معاملن کي نبيريون ٿا ۽ پوءِ بہ هو

هتي قيام ڪري ٿو تہ پنهنجي ان عمل سان هو جڻ ان عهدنامي ۾ شامل ٿي وڃي ٿو تہ هو، اهو ڪجھ ٿي ڪندو جنهن جو حڪم اسان کيس ڏينداسين. ۽ اسان هينئن سمجهون ٿا تہ جيڪو شخص اسان جو حڪم نہ ٿو مڃي، اهو ٽن حوالن سان غلط آهي. پهريون تہ اسان سندس والدين مثل آهيون ۽ اسان جو نافرمان ٿي، هو جڻ والدين جي نافرماني ڪري رهيو آهي؛ ٻيو تہ اسان ئي هن جي تعليم ۽ تربيت جو سبب بڻيا آهيون؛ ٽيون تہ هن اسان سان هڪ عهدنامو ڪري ڇڏيو آهي تہ هو اسان جي حڪمن کي نيڪ نيڪ مڃيندو. ۽ هينئر هو نہ تہ اسان جي حڪمن کي مڃي ٿو ۽ نہ ئي اسان کي قائل ڪري ٿو تہ اسان جا حڪم غير منصفاڻا آهن. اها ڳالھ ڪونهي تہ ڪو اسان هن تي زوريءَ حڪم مڙهيون ٿا ۽ هن کي ڪو دڳ ئي نہ ٿا ڏيون، پر اسان تہ کيس متبادل ڏيون ٿا تہ هو اسان کي مڃي يا وري اسان کي مڃائي - اسان اهو ڪجھ آڇيون ٿا ۽ هو ڪجھ بہ نہ.

”سقراط، هاڻي جيڪڏهن تون پنهنجي فرار واري رٿ تي عمل ڪرين ٿو، تہ اٿينس جي ٻين شهرين جي بنسبت، تنهنجي مٿان تہ خاص طور تي، ان قسم جا الزام اچي ويندا.“

فرض ڪر ڪريٽو تہ مان اٿين چوان تہ ٻين سيني ماڻهن جي نسبت ۾ خاص طور مون تي اهي الزام ڇو؟ تہ هو بجا طور موٽ ۾ اهو جواب ڏيندا تہ ٻين ماڻهن جي نسبت ۾ مان خاص طور تي ان معاهدي کي تسليم ڪيو آهي. هو چوندا، ”سقراط، ان ڳالھ جو واضح ثبوت موجود آهي تہ رياست يا اسان تنهنجي لاءِ ناپسنديده نہ هياسين. اٿينس جي سيني رهواسين منجهان تون ئي وڌيڪ مستقل طور هن

شهر ۾ رهيو آهين، جنهن کي تون هرگز نہ ٿو ڇڏين. اُن جي معنيٰ تہ ان سان پيار ڪرين ٿو. رياست لاءِ فوجي خدمتون سرانجام ڏيڻ جي حوالي سان ٻاهر وڃڻ کان سواءِ، تون باقي پوري عمر ۾ ڪيڏانهن بہ ڪونہ وئين سواءِ هڪ ڀيري جي، جڏهن تون استمس جي جڳهہ تي راندين جا مقابلا ڏسڻ ويو هئين. تون ٻين ماڻهن وانگر ڪي سير سفر بہ ڪونہ ڪيا. نہ ئي توکي ڪڏهن ٻين رياستن يا انهن جي قانونن ڄاڻڻ جي خواهش ۽ هُرکُر ٿي؛ تنهنجون اُلفتون ۽ مُحبتون اسان کان ۽ اسان جي رياست کان پار ۽ پري وڃي ئي نہ سگهيون. اسان ئي تنهنجا خاص منظور نظر رهياسين ۽ تون پاڻ کي اسان جي حڪمراني ۾ رضامند رکيو. ۽ هتي هن ئي شهر ۾ تون ٻار ڄڻيا، جيڪي اسان کان تنهنجي تسليءَ جو هڪ ثبوت آهن.

ان کان سواءِ، مقدمي دوران، جيڪڏهن تون چاهين ها تہ پنهنجي لاءِ جلاوطنيءَ جي سزا تجويز ڪري پيو سگهين؛ اهائي رياست جيڪا هينئر اهو نہ ٿي چاهي تہ تون فرار ٿيءُ، تنهن وقت توکي رضا خوشيءَ سان وڃڻ بہ ڏئي ها. مقدمي جي دوران تہ تون اهو ظاهر ڪيو هو تہ تون جلاوطني تي، موت کي ترجيح ڏيئن ٿو ۽ اهو تہ تون مرڻ کان ناخوش نہ هئين.

پر هينئر تون انهن سمورن نفيس جذبن کي وساري ڇڪو آهين ۽ اسان يعني قانونن کي ڪا عزت ۽ احترام نہ ٿو ڏئين، بلڪ اسان کي تباهہ ڪري رهيو آهين. اسان سان هڪ شهري جي ناتي جيڪي معاهدا ۽ ميثاق تون ڪيا هئا، انهن کي پٺي ڏيئي ۽ فرار اختيار ڪري تون ائين ڪري رهيو آهين جيئن هڪ آزاد شهري نہ، پر ڪو نيچ ۽ قابل رحم غلام ئي جيڪر ڪري. ۽ سڀ کان پهريائين تہ

تون هن سوال جو جواب ڏي؛ ڇا اسان اهو چوڻ ۾ درست آهيون تہ تون قول ۾ ٿي نہ پر عمل ۾ بہ اسان جي حڪمراني کي قبول ڪرڻ تي اتفاق ڪيو هو؟ ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي يا نہ؟" ڪريٽو، اسان ان جو جواب ڪيئن ڏينداسين؟ ڇا پاڻ کي مڃڻو نہ پوندو؟

ڪريٽو : ها سقراط، ٻيو اسان جي وس بہ ناهي.

سقراط : پوءِ اهي هيئنئن نہ چوندا، "سقراط تون انهن معاهدن ۽ ميثاقن کي ٽوڙي رهيو آهين جيڪي آرام سان، سوچي سمجهي، پنهنجي فرصت جي وقت تون اسان سان ڪيا هئا، نہ ٿي تڙ تڪڙ ۾، يا ڪنهن دٻاءَ هيٺ يا ڌوڪي ۾ اچي ڪري؛ پر انهن تي ويچارڻ لاءِ توکي زندگيءَ جا ستر سال ملي چڪا هئا. جيڪڏهن اسان تنهنجي ذهن کي پسند نہ هئاسين يا اسان جا عهدناما توکي غير منصفاڻا محسوس پئي ٿيا تہ ان عرصي ۾ تون شهر ڇڏي وڃڻ لاءِ آزاد هئين. جن، ٻن رياستن جي، سٺي حڪومت سبب تون اڪثر تعريف پئي ڪئي آهي يعني ليڪيڊيمن ۽ ڪريٽ، تون انهن مان ڪنهن ڏانهن بہ هليو وڃين ها، يا ڪنهن ٻي خالص يوناني يا ڌاري رياست ڏانهن. جڏهن تہ تون باقي مڙني ائٿينس واسين جي نسبت ۾ پنهنجي رياست جو ايترو مداح ڏسڻ ۾ پئي آئين، يا ٻين لفظن ۾ اسان جو يعني رياستي قانونن جو ايترو مداح هئين ۽ پلا اهڙي، رياست جي ڪير پرواه ڪندو جنهن ۾ ڪي قانون ٿي نہ هجن- جو تون ڪڏهن ان ڪان ٻاهر نڪتين ٿي نہ. انڌا، ٽُنڊا، منڊا ۽ معذور ماڻهو بہ هن رياست ۾ ائين ٽڪاڻو ڪري، ايترو ڪونہ ٽڪيا جيترو تون ٽڪيو آهين. پر هينئر تون فرار ٿي رهيو آهين ۽ پنهنجن وعدن کي وساري رهيو آهين. نہ سقراط، ائين نہ ڪيو. اسان جي صلاح مڃو ۽ شهر ڪان

فرار اختيار ڪري، پاڻ تي ماٺهو نہ ڪلايو.

”چو تہ ڪجهہ ويچار تہ جيڪڏهن تون حدون ۽ حڪم اورانگهين ٿو ۽ اٿين غلطي ٿو ڪرين تہ خود پنهنجي لاءِ يا پنهنجن دوستن لاءِ ڀلا ڪهڙي چڱائي ڪندين؟ اها پڪ سمجهہ تہ تنهنجا دوست جلاوطن ڪيا ويندا، انهن جي شهريت ختم ڪئي ويندي يا وري انهن جي جائداد ضبط ڪئي ويندي. ۽ جيستائين تنهنجو تعلق آهي تہ جيڪڏهن تون پاڙيسري رياستن مان ڪنهن هڪ مثلاً ٿيبيزيا ميگارا ۾ هليو وڃين جتي سٺيون حڪومتون آهن تہ سقراط، تون انهن جي نظر ۾ هڪ دشمن ليکبين ۽ اتان جي حڪومت تنهنجي برخلاف ٿي بيهندي. ۽ اتان جا سمورا محب وطن شهري توکي بُري نظر سان ڏسندا تہ هي هڪ قانون شڪن شخص آهي. ۽ وري هتي ائٿينس جي ججن جي ذهنن ۾، انهن پاران مليل پنهنجي سزا جي درستگي جي چڱي توثيق ڪري ڇڏيندين. ان ڪري جو جيڪو قانون جو ٽوڙيندڙ ۽ بگاڙيندڙ هوندو آهي تہ امڪان اهو ٿي هوندو آهي تہ هو نوجوانن ۽ وڏي عمر جي ڪن گهٽ عقل وارن انسانن کي بگاڙيندو آهي. ۽ اهڙي ريت توکي پنهنجي باقي عمر، بهتر طور منظم شهرن ۽ سٺن انسانن کان ڏور گذارڻو پوندو. ڇا انهيءَ انداز سان زنده رهڻ قبول ائٽي؟ سقراط، ڇا تون شرم ۽ ندامت کان سواءِ اوڏانهن وڃي سگهين ٿو ۽ انهن سان ڳالهيون ڪري سگهين ٿو؟ ۽ آخر تون انهن کي چوندين بہ ڇا؟ ڇا تون اتي بہ اٿين ڇئي سگهندين جيئن هتي چوندو رهندو رهيو آهين تہ نيڪي، انصاف، ادارا ۽ قانون بهترين شيون هونديون آهن؟ ۽ اٿين چوڻ پوءِ توکي سُونهندو بہ سَهي؟ يقيناً نہ، پر فرض ڪر تہ تون سٺين حڪومتن وارين رياستن بجاءِ، ٿيسالي ڏانهن، ڪريٽو جي

دوستن وٽ وڃين پڇين ٿو، جتي وڏي افراتفري ۽ هر قسم جي بي مهار آزادي آهي ته اتي ماڻهو، تنهنجو قيد خاني کان فرار جو داستان وڏي تجسس ۽ شوق سان ٻڌندا ۽ جڏهن هو ان ۾ اهي ڪِل جَهڙا تفصيل ٻڌندا ته تون ڪيئن ٻڪريءَ جي کَل پائي يا ڪوئي ٻيو ويس ڍڪي، پنهنجي شڪل مٽائڻ کان پوءِ، پاڇوڪڙن وانگي قيد خاني کان ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين. ته هنن کي ته ڏنڊين آڱريون اچي ويندي‌ون. پر ڪوئي هڪڙو شخص ته ضرور اهڙو به هوندو جيڪو توکي هيئنئن چئي وجهي ته هن پيرسنيءَ ۾ بس ٿورڙي ئي وڌيڪ زندگي گذارڻ جي ڪيڏي نه قابل رحم خواهش ۾ تون پنهنجي رياست جي مقدس قانونن جي جيڪا خلاف ورزي ڪئي! تنهن تي توکي لڄ نه آئي؟ شايد نه ----- جيڪڏهن تون ڪين خوش رکيو ته هو اهڙي ڳالهه توکي نه چوندا. پر جيڪڏهن هو ڪڏهن به، ڪنهن ڳالهه تي توکان آرها ٿيا ته توکي انهن جي واتان اها ڳالهه يا اهڙيون ئي ٻيون ڪيتريون بي عزتيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون. تون زنده ته رهندين ته پر ڪهڙي ريت؟ سيني ماڻهن جو خوشامدڙيو ٿي ۽ سيني جو نوڪر بڻجي ۽ ٻيو ڇا ڇا نه ڪندين؟- ته جيئن ٿيسالي ۾ رهي به سگهين ۽ ٻن ويلن جو ٽڪر به نصيب ٿيئي. ۽ پوءِ انصاف ۽ گڻن بابت تنهنجن نفيس ۽ اعليٰ ويچارن جو حشر ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن تون هيئنئن چوين ته پنهنجي ٻارن جي خاطر زنده رهڻ چاهين ٿو - ته جيئن تون سندن تعليم، تربيت ۽ پالنا ڪري سگهين- ته ڇا تون انهن کي پاڻ سان گڏ ٿيسالي وٺي ويندين ۽ اٿين ڪين اٿينس جي شهريت کان محروم ڪندين؟ اهو فائدو آ تو وٽ هنن کي بخشڻ لاءِ؟ يا تنهنجي

خود پاڻ کي، پنهنجي دوستن کي، پنهنجي ديس کي ۽ اسان قانونن کي، تہ پوءِ اسان توکان ايستائين ڪاوڙيل رهنداسين، جيستائين تون جيئرو هوندين ۽ جڏهن تون موت کان پوءِ ٻئي جهان ۾ پهچندين تہ اسان جا ڀائر يعني اتان جا قانون بہ توکي هڪ دشمن سمجهي ملندا، ڇو تہ انهن کي اهو معلوم هوندو تہ تون هن دنيا ۾ اسان کي تباهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي وسئون ڪونہ گهٽايو. سو هاڻي، تون ڪريٽو جي نہ، پر اسان جي ڳالهہ مڃ.“

منهنجا پيارا ڪريٽو! هي آهي اهو آواز جنهن کي مان پنهنجي ڪَن ۾ گونجندو ٻڌان ٿو، جيئن ڪنهن صوفيءَ جي ڪَن ۾ بانسريءَ جو آواز ايندو آهي. اهو آواز منهنجي ڪَن ۾ واجهہ ڪندو رهي ٿو ۽ ڪجهہ بہ ٻيو ٻڌڻ کان روڪي رکي ٿو ۽ مونکي، معلوم آهي تہ تون جيڪڏهن وڌيڪ ڪا ڳالهہ چوندين بہ تہ ان جو ڪوئي اثر نہ ٿيندو. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن توکي اڃان ڪجهہ چوڻو آهي تہ بيشڪ چئي ڏي.

ڪريٽو : سقراط، مون کي ٻيو ڪجهہ چوڻو ڪونهي.

سقراط : تہ پوءِ ڪريٽو، خدا جي رضا جو پورائو ۽ پيروي ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي اڳواڻي ۾ هلڻ لاءِ، مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي. ◆

# بـبليوگرافي

1. Dialogues of Plato by Bejamin Jowett.
2. The Greek way by Edith Hamilton.
3. The Bible
4. The Penguin Dictionary of Quatations.
5. The fall, By Albert Camus.
6. The Happy Death by Albert Camus.

# اداري جا وڪري لاءِ موجود ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1- | مڪڙيون ماڪ ڦڙا | مير محمد پيرزادو | 20/= |
| 2- | مٽيءَ هاڻا ماڻهو | عبدالواحد آريسر<br>(ٻيو ڇاپو ڇپائي هيٺ) | |
| 3- | ماڻهو ميگهه ملهار | عبدالواحد آريسر | 15/= |
| 4- | تاريخ مون کي بيڏوهي قرار ڏيندي | فيڊل ڪاسترو | 25/= |
| 5- | عظيم انقلابي عورتون | سنڌيڪار: تاج جويو | 20/= |
| 6- | ڦاسيءَ جي ڇانوَ ۾ | جولس فوچڪ | 25/= |
| 7- | پاڪستان ۾ قومي سوال | امداد چانڊيو | 25/= |
| 8- | فلسفي جو ابتدائي ڪورس | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 50/= |
| 9- | ترقيءَ جو غير سرمائيداراڻو رستو | لعل چارڻ | 12/= |
| 10- | سوشلزم ماضي حال مستقبل | سنڌيڪار: امداد چانڊيو | 10/= |
| 11- | سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل | چرننڪو | 15/= |
| 12- | چٽاڪانگ جا عظيم انقلابي | ڪلپنا دت / سرواڻ | 22/= |
| 13- | چي گويرا جي ڊائري | سنڌيڪار: يوسف سنڌي | 50/= |
| 14- | مظلوم قومن جو مستقبل | جام ساقي | 25/= |
| 15- | انقلاب جي واٽ | ابو جبران | 30/= |
| 16- | بين الاقوامي انقلاب جو راهه عمل | سنڌيڪار: رشيد ڀٽي | 32/= |
| 17- | ويٽنامي ڪهاڻيون | رسول بخش پليجو | 25/= |
| 18- | لينن جي انقلابي ڪهاڻي | نجم عباسي | 40/= |
| 19- | سنڌ جي بمبئي کان آزادي | جي - ايم - سيد | 27/= |
| 20- | پريسترائيڪا | ميخائيل گورباچوف/ گهنشام پرڪاش | 80/= |
| 21- | تاريخ اسان سان انصاف ڪندي | گل محمد جکراڻي | 20/= |
| 22- | فڪر جي آزادي | سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو | 75/= |
| 23- | نئين سنڌ لاءِ جدوجهد | جي - ايم - سيد | 62/= |
| 24- | پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط | جواهر لعل نهرو/پرويز | 25/= |
| 25- | بغاوت | خليل جبران/ يوسف سنڌي | 20/= |
| 26- | چار گهڙيون چين ۾ | احمد علي رند | 27/= |
| 27- | ڏونگر منجهه ڏيئو | بورس پوليوائي/پرويز | 80/= |
| 28- | شاهه - سچل - سامي | محمد ابراهيم جويو | 35/= |
| 29- | منهنجي ڪهاڻي | جواهر لعل نهرو | 88/= |
| 30- | غدار | ڪرشن چندر/ ولي رام ولڀ | 25/= |



”هي جيڪو گل ڪري پيو، ان جو هڪ Permanent Value آهي. گل ڏاڍا سٺا ترجما ٿو ڪري ۽ انهيءَ لاءِ هن داد لهڻو...“

**سويو گيانچندائڻي**

---

”ترجمو سٺو آهي ... Classics جو ترجمو ضروري هيو ... فلسفي جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ تي گل ڪي واڌايون ...“

**ڊاڪٽر اياز قادري**

---

”هھڙي غير منطقي ملڪ ۾، منطق کي هيڏي خوبصورت سنڌيءَ ۾ پيش ڪرڻ - اهو هڪ شهپارو ئي چئي سگهجي ٿو ۽ ان لاءِ گلَ ڪيرون لهڻيون ...“

**ڊاڪٽر ڪنيو گيانچندائڻي**

---

گلَ! سمجهه ۾ نہ ٿو اچي تہ تنهنجي تعارف سوچڻ سان منهنجا جذبا ڪومل ڇو ٿا ٿي پون. خبر اٿئي - (؟) تہ جيڪڏهن انب جو ٻور، پپل جا ڪچڙا گلابي گونچ (پن)، سرنهن جي مُہڪار، صبح جي هير، ڪنول جي جهوم، ڪٽڪ جا سنگ، سانوڻيءَ جو پهريون ٺهڪو، هڪ ڏبي ۾ وجهي ملائي ملائي ٻاهر ڪيبو تہ ”گل“ ٺهي پوندو -

جيڏو سنهڙو ۽ سيپڪڙو آهين اوڏو جفاڪش جوان پڻ - پيار ڪندڙ، ارپي ڇڏيندڙ، ٻڌندڙ، سهندڙ ۽ خيال رکندڙ، ايڏو جو اٽڃاٽائي ۾ ڪِول تي پير اچي وڃئي تہ سڄو ڏينهن پريشان رهين ۽ جي ڪِولِ قسمت سان بچي وڃي تہ ڪيترا ڀيرا وڃي منٿون ڪرينس، معافي وٺينس -

تون هڪ سٺو انسان آهين. باقي تنهنجي طبيعت جي Indecisive هجڻ جي هميشہ شڪايت رهي اٿم -

**انتخاب شاهہ**

---

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ۔

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)